A B C
Certified

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT

MONTHLY WAIJ KARACHI

وِڃَڻ ويجهن وَٽ، جي سِڪين ته سَڪهو ٿيين (شاهه)

# ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

JULY 2000 Rs:20



## پلاسٽڪ سرجن
## پروفيسر شائسته آفندي
## جا ويڄ پينل سان ڪليل ويچار



## ذهني صحت جي گهٽتائي سبب پيدا ٿيندڙ غير متوازن شخصيتون




## خاموشي جي سازش



Anne French
جِلد کے نرم و نازک ہونے کا
ریشمی احساس
این فرینچ بے ضرر طریقے سے پنڈلیوں،
بغل، چہرے اور جسم کے دیگر
حصّوں سے بالوں کو صاف کرتی ہے۔
جی ہاں یہ وہ طریقہ ہے
جو نسوانیت کو برقرار رکھتا ہے!
بالوں کو صاف کرنے والی
این فرینچ میں شامل بے بی آئل اور
جلد کے کنڈیشنر انتہائی سہل طریقہ
سے جِلد کی نچلی ترین سطح میں داخل
ہو جاتے ہیں اور جلد کو نرم و نازک
اور صاف ستھرا رکھتے ہیں۔ استعمال
کے بعد یہ احساس ہوتا ہے کہ جیسے
بال تھے ہی نہیں۔
Anne French
ایسی ریشم سی مُلائم جِلد کہ دیکھنے والا نظر نہ ہٹائے۔
Manhattan Leo Burnett



Adarts-HRA-2/2000

# دروازہ
## کھلا رکھیئے!



زرعی ترقیاتی بینک سے
حاصل کردہ رقم
بروقت واپس نہ کر کے
آپ نہ صرف قانون کی نظر میں
مجرم بن جاتے ہیں بلکہ
خود اور دوسروں کو اس حق سے بھی
محروم کر لیتے ہیں جس کے تحت
آپ زرعی ترقیاتی بینک سے
کھاد، بیج اور زرعی آلات
کے حصول کے لئے
مدد اور رہنمائی
حاصل کرتے ہیں۔

زرعی بینک کا قرضہ بروقت واپس کیجئے
کل آپ کو پھر ضرورت پیش آسکتی ہے

زرعی ترقیاتی بینک پاکستان

E Mail : adbp@isb.paknet.com.pk

# اوهان جي راءِ

## پڙهندڙن جا خط

**پنهنجي پاران**

”ويچ“ جي ساٿين، قلمي سهڪار ڪندڙن ۽ مهربان پڙهندڙن کي گذارش ڪجي ٿي تہ ”ويچ“ کي اوهان جي تعميري ۽ صحتمند تنقيد جي ضرورت آهي. ”ويچ“ ۾ بجاءِ تعريفي خط شايع ڪرڻ جي، اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن ”ويچ“ جا پڙهندڙ مواد جي مناسب واڪاڻ ڪرڻ سان گڏ، اسان جي خامين ۽ ڪوتاهين ۽ پنهنجي مثبت تجويزن کان بہ اسان کي آگاهہ ڪندا رهن. ”ويچ“ اوهان ۽ اسان سڀني جو رسالو آهي. ان جو مکيہ مقصد عام صحت جي واڌاري ۽ سڌاري بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي. اميد تہ ان ڏس ۾ اوهان جو تعاون جاري رهندو.

**ادارو**

### ڏهين سال ڏانهن وک وڌائڻ تي واڌايون

تازو ويچ هٿن ۾ پهتو، پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي ”ويچ کي ٩ سال پورا ڪري ڏهين سال ڏانهن وک وڌائڻ تي توهان کي ۽ توهان جي ٻانهن ٻيلي ٽيم کي مون طرفان لک لک مبارڪون هجن.“ سنڌي زبان ۾ ڪافي ادبي ۽ شاعريءَ جا رسالا شايع ٿين ٿا، ليڪن ”ويچ“ هڪ معياري ۽ واحد رسالو آهي، جيڪو صحت بابت سائنسي معلومات پهچائي ٿو. هن ۾ لکندڙ قلمڪار حضرات بہ سٺو لکن ٿا ”سائين مئي ٢٠٠٠ جو ويچ لاجواب آهي.“ ”هن رسالي ۾ منهنجو مضمون شايع ڪرڻ تي توهان جا ٿورا“ اميد تہ هن خاڪسار کي پنهنجي (گلشن ويچ) ۾ جڳهہ ڏيندا رهندا. مئي ٢٠٠٠ واري پرچي ۾ شامل سڀئي مضمون سٺا ۽ معلومات سان ڀرپور آهن. ”باقي هڪ گذارش تہ ويچ جي قيمت مقرر ڪريو“ ڀلي ويچ سادي پني ۾ اچي تہ بہ اسانکي پسند ايندو. توهان جي رسالي ۾ گليمر جو ڪينسر وڌي رهيو آهي. ائين نہ ٿيڻ گهرجي، گليمر هڪ عليحده شيءِ آهي. بهرحال توهاڻ جون ڪوششون گهڻيون آهن. مان هڪ مضمون ”اسان جو تنتي سرشتو ڪيئن ڪم ڪري ٿو.“ موڪلي رهيو آهيان. شايع ٿيڻ جهڙو هجي تہ شايع ڪندا تہ مهرباني ٿيندي باقي ويچ سان سهڪار جاري رهندو ۽ ويچ- ٢٠٠٠ مئي جو ٽائيٽل ڪور نهايت ئي ديده زيب آهي. توهان جي ڪاوشن کي سلام.

سات سلامت،

**ارشد لطيف چنہ پاٽائي**

*سائين- تفصيلي خط لکڻ لاءِ مهرباني توهانجون سهڻيون تجويزون غور هيٺ آهن. باقي رهيو سوال گليمر جو تہ اهو اڄ جي دور جي مجبوري آهي اسان وري هڪ ڀيرو هن پرچي ۾ ان کي ڪٽيون ٿا. اڳتي ڏسون تہ ڇا ٿو ٿئي. توهانجو مضمون اکين تي. ادارو.*

### ڪُنل رسالا موڪليو

گذارش آهي تہ ڪافي عرصي بعد نامياري رسالي ”ويچ“ جو ماهہ مئي ٢٠٠٠ع جو شمارو موصول ٿيو، جنهن لاءِ دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون. اميد تہ آئينده بہ اهڙيءَ مهربانيءَ کان نہ وساريندا.

توهان جي ذاتي دلچسپي ۽ مهرباني سان ماهوار رسالو ”ويچ“ جي اعزازي ڪاپي پابنديءَ سان موصول ٿيندي هئي. مگر پوءِ اچڻ بند ٿي وئي، اسان ان سلسلي ۾ ڪافي مراسلا بہ عرض رکيا، مگر موٽ نہ ملي، جنهن ڪري افسوس ٿيو تہ اهڙي معلوماتي ۽ فائديمند رسالي کان محروم رهجي وياسين. اوهان جي اجازت ڏيو ۽ اهو ممڪن بہ هجي تہ جيڪي شمارا موصول نہ ٿيا آهن، انهن جي لسٽ خدمت ۾ پيش ڪريون، تہ جيئن اوهان پنهنجيءَ سهولت سان اسان جي کوٽ جو پورائو ڪرڻ فرمايو. اسان کي اوهان ڀليءَ شخصيت مان ڀليءَ موٽ جي اميد آهي. جواب جو انتظار رهندو.

والسلام.

مخلص

**(گل محمد نور محمد مغل)**

لائبريرين

انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي

*سائين- توهان لسٽ موڪلي ڏيو، وس آهر هر وقت توهان جي اداري جي خدمت لاءِ تيار آهيون- ادارو.*

### وساريو نہ نہ!

ڪجهہ مواد موڪليان پيو. اميد تہ ويجهڙ جي اشاعت ۾ شامل ڪندا. نئين

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويچ جتي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهن کي به صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان "ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم" جي شروعات ڪري رهيا آهيون.

1- ڪوبه اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويچ جون لکيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويچ کان مانوس نه آهن يا وري لکي پڙهي ڪونه ٿا ڄاڻن، تن کي ويچ مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪوبه ڊاڪٽر / نرس / ڊسپينسر / شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتياز ۽ فيس جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري جو فارم پُري اداري کي موڪلڻو پوندو. سندس ميمبر شپ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهوار ويچ جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويچ ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو / تازو ڪيو ويندو.

5- فورم جي باقائده منظم ٿيڻ کانپوءِ ميمبرن جي ساليانی گڏجاڻي پڻ سڏائي ويندي.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي ته هيٺيون فارم پُري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويچ : ڪمرو نمبر 53، پهرين ماڙ، بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي. پي. او باڪس نمبر 568، ڪراچي.

---

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

## حلف نامي تي عزم

آءُ ______________________ پٽ / ڌيءُ / زال ______________________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو / جي ميمبر ٿيان ٿو /ٿي. آءُ ان ڳالهه جو اقرار ٿو / ٿي ڪريان ته بنان ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي / نئدائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهو تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس / پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح

---

## ذاتي تفصيل

نالو ______________________ پيءُ / مڙس جو نالو ______________________

ذات ______________________ ڌنڌو ______________________

تعليم ______________________

ٻيون مصروفيتون ______________________

ائڊريس: ______________________

______________________

ميمبر جي صحيح

---

نوٽ: هن فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي به استعمال ڪري سگهجي ٿي.

# هيلٿ پروموٽرز فورم
# نون ميمبرن جي
## تفصيل

470- ڊاڪٽر لطيف پٽ عبداللطيف چنو پاٽائي، وارڊ نمبر04 غريب آباد محلو دادو.

471- غلام سرور حاذق پٽ مولوي نصيرالله ناصر جوڻيجو، بابو ڪلينڪ نم شريف تعلقو ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور سنڌ.

472- رسول بخش پٽ رحمت الله مغل، پوسٽ آفيس جهلوري، تعلقو ضلعو ميرپورخاص سنڌ.

473- امتيازعلي پٽ محمد جعفر چنڙ پوسٽ آفيس سومر چنڙ تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوشهروفيروز سنڌ.

474- پرديپ ڪمار پٽ تلوڪچند لوهاڻو پوسٽ آفيس اسلامڪوٽ تعلقو مٺي ضلعو ٿرپارڪر سنڌ.

475- اوڌو داس پٽ راڻو زيرو لوهاڻو، هيرا ميڊيڪل اسٽور لڳ بس اسٽينڊ پوسٽ آفيس اسلام ڪوٽ تعلقو مٺي، ضلع ٿرپارڪر سنڌ.

476- شمس الحق پٽ شاهه محمدجمالي، بنگلو نمبر اي 263 گلستان سجاد ڄامشورو روڊ حيدرآباد سنڌ.




ڌرتي تي وڌندڙ آبادي جو مستقبل

**ايڊيٽوريل**

# ڪاڌي پيتي جي شين جي چڪاس ڪير ڪندو

پاڪستان جي قيام کي 53 سال گذري چڪا آهن، ۽ ان عرصي ۾ قوم جي ڪاڌي پيتي جو ڇا حال رهيو آهي ان جي ڪنهن کي بہ ڳڻتي ڪونهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪاڌي پيتي جي شين ٺاهڻ ۽ وڪري ڪرڻ واريون اڻ ڳڻيون ڪمپنيون موجود آهن انهن ۾ مختلف قسمن جا پيڪ کاڌا، مشروبات، مٺايون ۽ منرل واٽر وغيره شامل آهن، انهن مان ڪيترين ئي پيڪ ٿيل کاڌن ۽ مشروبات تي تہ ان جي ختم ٿيڻ واري مدت يا Expiry date بہ لکيل ڪونہ هوندي آهي. ڪيترن پيڪ ٿيل کاڌي جي شين خريد ڪرڻ کانپوءِ ان جي اصل حالت جي خبر تہ تڏهن وڃي پوندي آهي جڏهن ان کي کولڻ کان پوءِ بدبوءِ ايندي آهي يا رنگ مٽيل هوندو آهي. مارڪيٽ ۾ وڪامندڙ منرل واٽر جي حالت اها آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ان مان بہ عجيب قسم جي بدبوءِ توڙي اڻ وڻندڙ ذائقو محسوس ٿيندو، ڪڏهن بہ انهن جي ڪا اهڙي چڪاس ڪونہ ڪئي وئي آهي تہ انهن پيڪ ٿيل کاڌن توڙي مشروبات جي مٿان جيڪي ڪجهہ لکيل آهي اهي سڀ شيون سلامتي سان انهن ۾ موجود آهن يا نہ.

اسان وٽ اڪثر کاڌي پيتي ٺاهڻ/پيڪ ڪرڻ وارا ادارا پنهنجو پاڻ کي ڪنهن نہ ڪنهن بين الاقوامي اداري سان منسوب ڏيکاريندا آهن، پر ڇا انهن جي ڪوالٽي هر پيري اتان چيڪ ٿي ايندي آهي يا اهو عوام سان سراسري ڌوڪو هوندو آهي، ان جو جوابدار ڪير آهي، اهي بين الاقوامي ادارا يا انهن کي انهن ادارن سان منسوب هئڻ جي ليبل لڳائڻ جي اجازت ڏيڻ وارا. ڪيترين کاڌي جي شين ۾ ئي مختلف قسمن جي وٽامنس توڙي معدنيات جو ذڪر ڪيل هوندو آهي، پر اڄ ڏينهن تائين خبر نہ آهي تہ اهي شيون انهن ۾ موجود هونديون بہ آهن يا نہ؟

اسان هتي آمريڪا جي مشهور اداري فوڊ اينڊ ڊرگ ايڊمنسٽريشن F.D.A جو ذڪر ڪندي اها ڳالهہ ڪنداسون تہ اتان جي هر دوا توڙي کاڌي تي F.D.A وٽان منظوري جو ٺپو لڳل هوندو آهي ۽ اتان جو عوام اهڙين شين تي اعتماد ڪري خريد ڪندو آهي تہ ڇا اسان وٽ F.D.A جي طرز جو ڪو ادارو جوڙي ڪونہ ٿو سگهجي. جيڪو دوائن سان گڏ کاڌي پيتي جي هر شئي جي ڪوالٽي جي پڻ نگراني ڪري ڇو تہ کاڌو پيتو هر لحاظ کان صحت جو اهم مسئلو آهي. پر کاڌي پيتي جي معاملي ۾ خبر نہ آهي اسان ڇو انهن کان ڏاڍا پٺتي پيل آهيون.

اسان هونئن تہ يورپ ۽ آمريڪا کان ڏاڍا متاثر رهندا آهيون، شال نہ اتي ڪو اهڙو عمل ٿئي پوءِ دير نہ ڪنداسون.

اسان اختياري وارن کي اهو عرض ڪنداسين تہ کاڌي پيتي واري ڳنڀير مسئلي کي غور هيٺ رکندي ڪو اهڙو ادارو ضرور جوڙين جيڪو کاڌي پيتي جي هر شيءِ جي چڪاس ۽ ان تي ضابطو رکي تہ جيئن عام ماڻهو صاف سٿرا ۽ تازا توانا کاڌا کائي سگهي.

”ادارو“

# الحمدللہ ترقی کی طرف ایک اور قدم

## بولان بینک ٹریولرز چیکس
## سہولت کا منفرد معیار، سفر با وقار




### ... ملک بھر میں فوری انفرادی خدمت!

کاروبار ہو یا سفر، آپ چاہے کہیں بھی جائیں ہمیشہ بولان بینک ٹریولرز چیکس اپنے ساتھ رکھیں۔ بولان بینک کی تمام شاخوں پر ہمارا دوستانہ اور خوش اخلاق عملہ ہمہ وقت آپکی خدمت میں مصروف رہتا ہے۔ ہم آپ کو فوری انفرادی خدمت فراہم کرتے ہیں۔ اس لئے بولان بینک ٹریولرز چیکس کیش کرانا صرف چند منٹوں کی بات ہے۔

### خصوصیات:
### زیادہ تحفظ اور سہولت۔

- ۵۰ ہزار روپے، ۲۵ ہزار روپے اور ۱۰ ہزار روپے کی مالیت میں دستیاب۔
- ملک بھر میں تمام بڑے صنعتی و تجارتی شہروں سمیت بولان بینک کی کسی بھی شاخ سے کیش کروانے کی سہولت۔
- خریدنے اور کیش کرانے پر بینک چارجز کی چھوٹ۔
- مدتِ استعمال پر کوئی پابندی نہیں۔
- گمشدگی کی صورت میں بولان بینک کی کسی بھی قریبی شاخ میں اطلاع دینے پر رقم کی یقینی واپسی۔

## بولان بینک ٹریولرز چیکس۔

بولان بینک لمیٹڈ
Bolan Bank Limited

# AN INTERVIEW WITH PLASTIC SURGEON



**پروفيسر شائستہ آفندي** سنڌ جي مشهور علمي گهراڻي سان تعلق رکي ٿي، هوءَ سائين حسن علي آفندي جي پڙ پوٽي آهي. سنڌس جنم سنڌ جي گادي واري هنڌ ڪراچيءَ ۾ ٿيو ۽ اتان ئي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج مان ڊاڪٽري جي بنيادي سند ايم بي بي ايس حاصل ڪئي ۽ پوءِ لنڊن مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. هن پنهنجي طبي پيشي ۾ ڏينهن رات جي اڻ ٿڪ محنت ڪري هڪ اعليٰ مقام حاصل ڪيو. هن 1983 ۾ ڊائوميڊيڪل ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم شروع ڪيو ۽ 1992 کان پروفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهي آهي.

# پلاسٽڪ سرجن

# پروفيسر شائستہ آفندي

## جا ويچ پينل سان کليل ويچار

ويچ پينل ۾ شامل

**ڊاڪٽر شمس سومرو**

**ڊاڪٽر ثناءالله ڪوڪر**

**طاهره الماس خان**

— قلمبندي —

**اسحاق قل**

**ويچ:** پلاسٽڪ سرجري اهڙو شعبو آهي جنهن بابت عام ماڻهو ٿي نہ پر گهڻو ڪري لکيو پڙهيو ماڻهو بہ ان بابت واجبي معلومات کان وڌيڪ ڄاڻ نٿو رکي، اوهان عام پڙهندڙن جي فائدي لاءِ، سڀ کان اڳ ۾ اسان کي پنهنجي مهارت واري هن اهم ۽ جديد شعبي بابت ٿوري ڄاڻ ڏيو.

**ميڊم:** اسان جي هن شعبي پلاسٽڪ سرجري جا بنيادي طرح بہ حصا يا ڀاڱا آهن. هڪڙو حصو ٺاهہ ٺوهہ يا زيبائش وارو عمل آهي جنهن کي ڪنسٽرڪٽو (Constructive) حصو چئجي ٿو ۽ ٻيو عمل ڪاسميٽڪ سرجريءَ (Cosmetic Surgery) جو عمل آهي، جنهن کي عام زبان ۾ جسماني سونهن ۾ واڌارو آڻڻ چئي سگهجي ٿو. پر اسان جو

سرجريءَ جو هي شعبو جنهن ۾ وقت سان گڏ طبي سائنس ۽ پريڪٽس جي ڪري روزانو سڌارا ايندا رهن ٿا ان ۾ ملڪي ۽ ڏيهي ضرورتن کي آڏو رکندي هن سائنسي موضوع سان لاڳاپيل ٻيا به اهم يا ضروري طبي عمل آهن، جن جو واري واري سان ذڪر ٿيندو، جيئن جيئن هي گفتگو اڳتي وڌندي.

ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ۾، مان توهان کي ٻڌائڻ پسند ڪنديس ته جيئن اوهان به محسوس ڪيو آهي يا هوندو ته پنهنجي پيشه ورانه عمل ۾ رات ڏينهن مصروف رهڻ ڪري آءٌ صاف روزاني يا عام فهم زبان ۾ پنهنجي هي گفتگو جاري رکي نٿي سگهان، ڪٿي ڪٿي اوهان کي انگريزي ۾ گذارو ڪرڻو پوندو.

**ويچ:** ميڊم ميڊيڪل سائنس جو سمورو مواد ظاهر آهي انگريزي ۾ آهي، تنهنڪري اٽر (Inevitable) هئڻ جي باوجود، اوهين وس آهر سنڌي ۾ ئي جواب ڏئي سگهو ته پڙهندڙن لاءِ معلوماتي ۽ فائديمند ٿيندو. اسين پنهنجي ليکي ڪوشش ڪنداسين ته گفتگو کي سنڌيءَ ۾ پڙهندڙن تائين پهچائي سگهون.

**ميڊم:** سڄو جذبو آهي.

**ويچ-** ميڊم! اهي ڪهڙا سبب يا حالتون آهن جڏهن مريض يا ڪنهن ماڻهو کي پلاسٽڪ سرجن سان رجوع ڪرڻ ضروري ٿي پوي ٿو؟

**ميڊم:** پيدائشي طرح وڏيل چپ (Lip-cleft) تارونءَ تائين چيريل چپ (cleft palate) پيشاب واري نالي جو نقص، چمڙيءَ جي رنگ وارن غدودن Pigments ۾ نقص يا تڪليف، رت نلين ۾ ڪو نقص يا خرابي، هڏين جي ڪنسٽرڪشن، سڙيل چمڙيءَ جي علاج (Burns) جي، حالت ۾ ٿلهي ليکي، انهن جي آپريشن يا شروعاتي علاج کان وٺي ان جي مينيجمينٽ تائين مريض پلاسٽڪ سرجري ڊپارٽمينٽ سان رجوع ڪندا آهن يا انهن کي ريفر ڪيو ويندو آهي.

**ويچ-** ميڊم! ان جي ترت ضرورت يا اهميت ڪهڙي آهي؟

**ميڊم:** مون اوهان کي ٻڌايو هئو ته بيسڪلي Basically پلاسٽڪ سرجريءَ جو وڏي ۾ وڏو ۽ اهم عمل عنصر (Element) ڪنسٽرڪشن يا ري ڪنسٽرڪشن آهي. مثال طور ڪليفٽ پليٽ آهي. ان جو علاج ٢١ سالن تائين ٿيندو آهي. هر مرحلي ۾ ان تڪليف ۾ سارسنڀال، بندوبست، تياري ۽ علاج گڏوگڏ هلندا آهن. جيڪڏهن علاج نه ڪيو وڃي ته جسماني سونهن ٿي نه، مريض جي پيدائشي نقص جا اثر جسماني حالتن کان سواءِ انساني نفسيات تي به پوندا. ان ڪري علاج، طبي مشورو ۽ مينيجمينٽ ضروري ٿيو پوي.

**ويچ:** اوهان مرحلن جي ڳالهه ڪئي، مرحلن مان اوهان جو ڪهڙو مطلب آهي.

**ميڊم:** ييس- مرحلا.......
جيئن روڊ ايڪسيڊنٽ آهي يا ڪو به شديد ڏک (Acute Trauma) آهي اوهان کي خبر آهي ته علاج جي نيم مطابق

**اسان جي طبي سائنس جي نصاب ۾ هن شعبي جي بنيادي ڄاڻ، سکيا، توڙي پريڪٽس به شامل نه رهي آهي. اوهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي ته مون مسلسل لکپڙهه ۽ ڪوششون ڪري هي شعبو ڪراچي يونيورسٽيءَ ذريعي ميڊيڪل جي نصاب ۾ نه فقط شامل ڪرايو آهي پر ان کي نصابي سطح تي تسليم ڪرايو آهي.**





According to protocol پهرين تہ مريض او پي ڊي يا ڪيزيوئلٽي ۾ ويندو تہ اسان جي طبي سائنس جي نصاب ۾ هن شعبي جي بنيادي ڄاڻ، سکيا، توڙي ڪراچي يونيورسٽيءَ ذريعي ميڊيڪل جي نصاب ۾ نہ فقط شامل ڪرايو آهي پر ان کي نصابي سطح تي تسليم ڪرايو آهي. تنهنڪري اڳ ۾ جيا ٿيندو هئو جو سنديافتہ ڊاڪٽرن کان ويندي نرسنگ اسٽاف تائين ڪنهن کي بہ هن شعبي ۾ بنيادي تجربو ڪونہ هوندو هئو ان کي ٻين لفظن ۾ هڪ ڏار مهارت سمجهي خود طبي سائنس جا ماڻهو بہ ٿهندا نظر ايندا هئا. پر هن شعبي جي قبول ڪرائڻ ڪانپوءِ، ان جي بنيادي ڄاڻ، تربيت ۽ سکيا جو بندوبست ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري شروع کان ئي يعني چوٿين سال کان، هاڻي شاگرد هي سبجيڪٽ پڙهندا ۽ ان ۾ تربيت ۽ سکيا وٺندا. جنهن ڪري اڳي جي ڀيٽ ۾ هاڻي اهڙا مرض يا ڪيس وڌيڪ خراب ۽ پيچيده ٿيڻ کان اڳ ۾ اسان وٽ ايندا ۽

**اسان ڏيهي ۽ ملڪي سطح تي پلاسٽڪ سرجري جي ڪور اشوز، اهم اهنجن جي موجوده صورتحال ۽ حيثيت (Status) معلوم ڪرڻ لاءِ پوري رٿابندي هيٺ ڪجهہ ڊيٽابيس معلومات لاءِ سڄي ملڪ جي ڊاڪٽرن، سرڪاري ۽ پرائيويٽ اسپتالن، ڪلينڪس، طبي ماهرن کان انگ اکر گهرائڻ لاءِ لکپڙهہ شروع ڪئي آهي. مون کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ توڙي جو ان جي موٽ ڏاڍي مايوس ڪندڙ آهي، پر اسان جون ڪوششون رڳو اتي بيهي نہ رهيون آهن. اسان پنهنجي شعبي وسيلي سرڪاري توڙي پرائيويٽ پريڪٽيشنز جي لاءِ هتي ۽ ڪراچيءَ کان ٻاهر اندرين علائقن ۾ ننڍا وڏا تربيتي ڪورس، سيمينار وغيره ڪرائي هيٺين سطح تائين بنيادي تجربو ۽ معلومات پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي**

آهي جتي واسطيدار سرجن يا ڊاڪٽر ان کي تپاسيندو آهي ۽ علاج ڪندو آهي، ان ڪانپوءِ ري ڪنسٽرڪشن جي لاءِ اهو اسان وٽ ايندو آهي. ساڳي طرح ٽٽن جي ڪينسر واريون مريضائيون آهن اهي بہ تپاس ۽ علاج جي اهڙن مرحلن مان ٿينديون اسان وٽ علاج لاءِ اچن ٿيون. اسان وٽ انهي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ فقط واسطيدار مرض جي ڳاهہ ٺوهہ ئي نہ پر پورو پورو فالو اپ بہ آهي.

**ويچ:** پر ميڊم! انهن مرحلن، نيمن، عام زبان ۾ خاص طور طريقن جي عام ماڻهن کي تفصيلي ڄاڻ آهي ئي ڪونہ.

**ميڊم:** اوهان اصولي طرح صحيح آهيو. آءُ انهي ۾ اهو بہ واڌارو ڪنديس ڇو

پريڪٽس بہ شامل نہ رهي آهي. اوهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي تہ مون مسلسل لکپڙهہ ۽ ڪوششون ڪري هي شعبو

انهن کي وڌيڪ فائدو ملي سگهندو.

**ويچ:** ميڊم! جيتوڻيڪ اها بہ هڪ ساراهڻ جوڳي اچيومنٽ آهي تہ اوهان ذاتي





لاءِ Sponsor ٿيل ماهر ڪم ڪري رهيا آهن.

Let me define this هن شعبي کي وصفايو وڃي ته ٿورن لفظن ۾ اهوئي چئي ٿو سگهجي ته طبي خدمتن ۾ هي به هڪ خاص قسم جي جديد فني ۽ طبي سهوليت آهي جنهن طرف ائبنارمل (Abnormal) کان نارمل (Normal) يا اڻ سڌائي کان سڌائي سنوائي ڏانهن آهي. جيڪا جوڙ جڙاوت Construction، ٻيهر جوڙ Recontruction ۽ تياري يا بندوبست Management ڪرڻ. پلاسٽڪ سرجري جي علم جي دائري ۾ اچي ٿي. هاڻي توهان ٻيا سوال پڇو.

**ويڄ- ميڊم!** هيم اينجيوما- رت جو ڳُڙ- جيڪو ٻاراڻي وهيءَ ۾ ابهم ٻارڙن يا ننڍڙن ٻارڙن ۾ عام ڏٺو ويندو آهي. ان لاءِ ماءُ پيءُ کي ڪهڙا ڪهڙا اپاءُ اختيار ڪرڻ کپن ۽ هن قسم جي اهنجن ۾ شروعاتي طور تي ٻار ۾ ڪهڙي قسم جون علامتون يا نشانيون هونديون آهن ۽ اهو ته اهڙي صورت ۾ ڊاڪٽر جو ڪهڙو رول وڏيڪ اهميت رکي ٿو؟

**ميڊم:** رتائون ڳُڙ -Haeman gioma جيڪي پنهنجي نالي مان ئي پڌرو آهي، اصل ۾ رت واهڻي نالين (vessels) جي ائبنارملٽي آهي. شروع ۾ اهو تمام ننڍڙو نشان تي پڌرو ٿيندو آهي. ان لاءِ اتندي ئي سرجيڪل عمل جي ضرورت نٿي پوي. فقط نشان واري هنڌ تي داب ڏيڻ Pressure يا هلڪي مالش Massage سان ان کي صحيح ڪري سگهجي ٿو. پر اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن سرجيڪل مداخلت Surgical interference ٿيندي ته فائدي بجاءِ هاڃيڪار اثر پوڻ. جهڙوڪ نظر جي خرابي جو انديشو رهندو آهي، تنهنڪري طبي طور ڊاڪٽر جو انهي ۾ فقط اهو رول آهي ته اهو مائٽن کي تسلي ڏئي، جنهن کي اسين Reassurance چوندا آهيون، ماءُ پيءُ جي صحيح مدد ۽ رهنمائي ڪري، جئين مالش ۽ داب ڏيڻ. پر ڪن حالتن ۾ آپريشن جو ڪرائڻ اٽر هجي تڏهن به مائٽن کي تسلي سان گڏ سمجهائڻ کپي ته اهو ابهم اوستا (Infancy) ۾ نه پر ٿوري وڏڙي عمر ۾ ٿيندو، ڇو ته هن قسم جي آپريشنز ۾ بلڊ گروپ ۽ ٽشوز جي ڪراس ميچنگ جهڙيون لازمي گهرجون پوريون ڪرڻ ضروري آهي. باقي تڪليف آهر علاج ڪري سگهجي ٿو هڪ سٺي يا عام قسم جي ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر سان گڏ عام ڊاڪٽر پڻ ساڳي لائين تي هن تڪليف جو علاج ڪري سگهي ٿو. ان شرط سان ته ان ۾ ڪنهن به جلد بازي، ڏڪيبازي ۽ غير طبي تجربي کان پاسو ڪيو وڃي.

**ويڄ:** هيم اينجيوما جي پيچيدن ڪيسن تي ڪجهه وڌيڪ روشني وجهو.

**ميڊم:** اهڙي قسم جا ڪيس، اصل ۾ تجربي جي اڻهوند ڪري پيچيدي صورت اختيار ڪري ويندا آهن. جڏهن علاج ڪندڙ کي علاج جي عملي ڄاڻ نه هجي ۽ نه ئي ان مرض کي ٺيڪ ڪرڻ جو تجربو هجي، فقط ٻڌ سڌ ۽ ڪتابي معلومات هجي ته نتيجو صاف ظاهر آهي. ان جو هڪ رستو آهي ته واسطيدار ڊاڪٽرن کي هن فيلڊ ۾ عملي تجربو رکندڙ ماهر سان ڪنهن به وسيلي مثلاً فون رستي يا روبرو ملي معلومات حاصل ڪرڻ گهرجي. ٻيو اهم مسئلو اهو آهي ته اهڙن مريضن سان گڏ ايندڙ، گهڻو ڪري ماءُ پي، جن مان گهڻائي اڻ پڙهيل ماڻهن جي هوندي آهي، واسطيدار ڊاڪٽر جي مشوري تي عمل ته عمل جي ماڳ، پورو ڌيان به ڪونه ڏيندا آهن. رڳو ٻڌل ڳالهين تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهندا آهن. سڌي سنئين ڳالهه آهي ته ٽوڻن ٽوٽڪن مان ڪهڙو

اسان جو معاشرو خيالي اٿسٽن، وهمن ۽ وسوسن جو شڪار رهيو آهي. پيدائشي نقص جهڙوڪ ڇيريل چپ يا اهڙن ٻين جسماني اڻپوري جوڙجڪ بابت اهو عام ڇيو ويندو آهي ته ڳورهاري سج يا چنڊ گرهڻ ۾ ڪاٽيءَ سان ڪجهه وڍيو هوندو ان ڪري.........

آهن.

**ميڊم:** برنس، سڙي پوڻ جي علاج ۽ پلاسٽڪ سرجريءَ جو سڄي ملڪ ۾ هي اسانجو ادارو اڪيلو سينٽر آهي.

**اسان رڳو اڄا ڪوٽ پائي هرويرو جي جي حضوري ۾ رائونڊن ۾ يقين نٿا رکون. اسين پنهنجي ڪم سان پنهنجي پيشي سان ۽ پنهنجي فرض سان لڳاءُ رکون ٿا. ڪنهن کي وٺي نہ وٺي پر منهنجي خيال ۾ رڳو رائونڊجي نالي ۾ هرويرو جا لامارا ڏيڻ کان بهتر آهي تہ اسين ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض نباهيون، ماڻهن جو علاج ڪريون.**

**ويچ:** اوهان وٽ ڪيترا بسترا آهن؟

**ميڊم:** هن وقت اسان وٽ ١٠ آءِ سي يو بيڊس آهن، ١٠ مرداني وارڊ ۽ ١٠ زناني وارڊ ۾ بيڊ آهن. اسان وٽ في الحال ٻارڙن لاءِ الڳ بيڊس ناهن جو سڄي اسپتال ۾ ننڍن ٻارڙن لاءِ آءِ سي يو ئي ڪونهي. ان سلسلي ۾ اسان جا اهڙا مريض نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ N.I.C.H ۾ داخل ٿيندا آهن، جتي انهن کي اسان پاران علاج ۽ سارسنڀال ملندا آهي.

**ويچ:** ميڊم تازو ڪلفٽن ۾ روڊ حادثي ۾ سڙي پيل عورتن ۽ ٻارڙن جو واقعو ٿيو. ميڊيا ان واقعي ڪانپوءِ انساني جانين جي ايڏي وڏي نقصان بابت ڪجهہ سوال اٿاريا آهن، ڇا توهان ان واقعي ڪانپوءِ وارڊ ۾ ٿيندڙ حالتن تي ڪجهہ روشني وجهڻ پسند ڪنديئو؟ خاص طرح جيڪو مجموعي تاثر ۽ ماڻهن ۾ جيئڻ تاءُ ايريو آهي، ان بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

**ميڊم:** پريس ۾ جيڪو ڪجهہ آيو آهي يا جنهن ان کي اينگهائي ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش نظر آئي آهي، مون کي ان ۾ ويسٽيڊ انٽريسٽ کان سواءِ، ٻيو ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي. هي هڪ روڊ ايڪسيڊنٽ هئو، اصولي نيم موجب اهو ڪيوئلٽي جو ڪيس هئو، جنهن کي باءِ پاس ڪري، سڄو بار اسان جي وارڊ تي اڇلايو ويو، جنهن ۾ اڳ ۾ ئي ڪنهن وڌيڪ داخلا جي گنجائش نہ هئي. مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ائين جو ڪيو ويو ۽ غير واسطيدار ماڻهن بنا ڪنهن سنجيدگي ۽ ذميواري جي احساس جي پريس کي ابتا سبتا بيان ڇو ڏنا.

**ويچ:** اهو چيو ٿو وڃي تہ اوهان وٽ صحيح سهوليتون موجود نہ آهن، ڊاڪٽرن غفلت کان ڪم ورتو ۽ علاج ۾ لاپرواهيءَ جو مظاهرو ٿيو آهي؟

**ميڊم:** اهو سڀ غلط آهي، انهن سڀني حالتن جي باوجود تہ اسان وٽ ڪا بہ گنجائش نہ هئي. اسان جي اسٽاف، ڊاڪٽرن توڙي عملي مريضن کي ڏسڻ يا ايندڙ اجائي خلق جي مداخلت جي باوجود ۽ انتظامي مداخلت هوندي بہ، جيڪا اهڙي صورت ۾ نہ هئڻ گهرجي، پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏني ۽ نهايت بردباري ۽ ذميواري سان سرانجام ڏني آهي.

اسان جو ڊپارٽمينٽ ملڪ توڙي پرڏيهہ ۾ مڃيل ۽ ساراهيل ڊپارٽمينٽ آهي (ميڊم اسان کي ڊاڪيومينٽس ڏيکاريندي چوي ٿي) آءُ توهان کي ڊاڪيومينٽيڊ بيڪ گرائونڊ ٻڌائي ۽ ڏيکاري سگهان ٿي. ١٩٩٦ ۾ هڪ فرانسيسي ٽيم برنس وارڊجي معائني ڪانپوءِ اسان ڏانهن لکيو.

The Best functioning unit is the Burns ward at civil hospital Karachi.

سول اسپتال ڪراچي جو سڀ کان بهترين يونٽ (هتان جو) برنس وارڊ آهي.

آمريڪن وومينس ايسوسيئيشن جو چوڻ آهي تہ اسان جو برنس وارڊ Role Model Department آهي.

جرمن وومينس ايسوسيئيشن ۽ روٽيرينس جو رايو آهي تہ اسان جو ادارو رول ماڊل ڊپارٽمينٽ آهي.

اسان رڳو اڄا ڪوٽ پائي هرويرو جي جي حضوري ۾ رائونڊ ۾ يقين نٿا رکون. اسين پنهنجي ڪم سان پنهنجي پيشي سان ۽ پنهنجي فرض سان لڳاءُ رکون ٿا. ڪنهن کي وٺي نہ وٺي پر منهنجي خيال ۾ رڳو رائونڊجي نالي ۾ هرويرو جا لامارا ڏيڻ کان بهتر آهي تہ اسين پنهنجي ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض نباهيون، ماڻهن جو علاج ڪريون. پريس ڇا چوي ٿي، نٿي چوي اسان جي مٿي جو سور ناهي.

**ويچ:** پر ميڊم! هڪ ڳالهہ پڇيان سڄي گهراڻي جو صفايو؟

**ميڊم:** مون اوهان کي ٻڌايو تہ، تہ هي بنيادي طرح هڪ روڊ ايڪسيڊنٽ هئو. اصل پروٽوڪول مطابق انهن کي ڪيوئلٽي ۾ اچڻ ۽ داخل ڪرڻ گهربو هئو، جتي جنرل سرجن، نيورو سرجن، آرٿوپيڊيشن ۽ ڪيوئلٽي ميڊيڪل آفيسر هوندا آهن تہ جيئن ڪنهن امرجنسي ۾ گڏيل اپاءَ وٺي علاج جو خاطر خواه بندوبست ڪري سگهجي. ان ڏينهن اسان جو وارڊ پوري طرح ڀريل هئو، اهو اطلاع ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ MS، ۽ ساڳئي وقت ڪيوئلٽي وارن کي بہ اڳواٽ ڏنو ويو هئو تہ اسان وٽ وڌيڪ مريضن جي گنجائش بنهہ ڪونهي ڪا، تنهن هوندي بہ نہ رڳو اهو تہ ان پروٽوڪول کي نظرانداز ڪري، ڪيوئلٽي کي باءِ پاس ڪري، مريض اسان ڏانهن اماڻيا ويا، پر ڏنو وڃي تہ حادثي واري جاءِ کي ويجهو اسپتالن، جناح اسپتال، NICH وغيره کي ڇڏي سڄو بار اسان مٿان وڌو ويو. حالت اها هئي جو اسان کي واڌو بسترا لڳائي آءِ سي يو داخل مريضن کي ٻين وارڊن ۾ اماڻي، هنگامي بنيادن تي بندوبست ڪرڻو پيو، صرف انساني جانيون بچائڻ لاءِ، آءِ سي يو ۾ رش ۽ ٻيهہ جي ڪري وارڊن جي جراثيمن کان پاڪ رهڻ واري حالت رهي نہ سگهي ۽ رهي بہ نٿي سگهي، خاص ڪري تڏهن جڏهن انتظاميہ هٺ وٺي بنهہ ضروري اپائن کي نظرانداز ڪري، بهرحال قصو ڊگهو ٿي ويندو. اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا.

مون کي ڀڏائيندي افسوس ٿو ٿئي. اصل ۾ مان ايا سوڌو اها ڳالهه سمجهي نه سگهي آهيان ته هڪ پڪنڪ لاءِ يا تفريح لاءِ ويندڙ سوزوڪي جي لوهي دروازي ياجهنگلي کي ٻاهران تالو ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، جنن ان بدنصيب گاڏي ۾ گنجائش کان وڌيڪ ٻارڙن ۽ عورتن کي بند ڪيو ويو هئو. آءٌ اهو به سمجهي نه سگهي آهيان ته گاڏي اٿلڻ ڪري ڪيئن ٻارڙن ۽ عورتن جا بدن پيٽرول ۾ وهنجي ويا، پر مردن جي ننهن کي به لهس نه آئي. ٻيو ته ٺهيو پر ان حادثي جو سڀ کان افسوسناڪ پهلو اهو به نظر آيو ته هڪ پاسي پيٽرول جي باهه ۾ معصوم ٻارڙا ٽڪڪي سڙي رهيا هجن، دانهون ڪوڪون ۽ ڪيهون ڪري رهيا هجن، عورتون رڙهي مدد لاءِ ٻاڪاري رهيون هجن ۽ انهن جا مرد آرام سان رستي جي ٻي پر بيهي واٺهڙن لاءِ واجهائي رهيا هجن، انهي کان وڌيڪ صدمي واري ڳالهه اها ته ايڏي دردناڪ حادثي کانپوءِ معاوضي، ايجيٽيشن ۽ اهڙي قسم جون پوليٽيڪلائيزڊ شيون........

۾ ١٦٠٠ بسترن سان لڳ ڀڳ ٦٥ يونٽ ڪم ڪري رهيا آهن، جتي گهٽ ڪري ته سيئي ميڊيڪل جا سند ماٺيل ڊاڪٽر آهن، پوءِ اهو الزام خبر ناهي ڪيئن هنيو ويو ته ڪو ڊاڪٽر ئي نه هئو. فرض ڪجي ته اسان وٽ ڪو ڊاڪٽر نه هئو. پر ايترا سارا ڊاڪٽر ڪاڏي ويا؟ هي هڪ ڊاڪٽرن کي سکيا ڏيندڙ مڪمل اسپتال آهي، جتي هائوس آفيسر، رجسٽرار، ايڊمنسٽريٽر (جيڪو به ڊاڪٽر آهي) ڪيوئلٽي ميڊيڪل آفيسر ڪهڙا ڊاڪٽر ناهن ته پوءِ ايڊمنسٽريٽر اهو ڪيئن چئي سگهي ٿو ته هتي ڊاڪٽر نه هئو. ڀلا جي نه هؤ ته پاڻ ته هئو نه؟ ڪيوئلٽي ۾ ٥٠ بسترا آهن. پر توهان زميني سهوليت ڪيوئلٽي کي ڇڏي ٻين ماڙ تي هڪ خطرناڪ حادثي جا مريض، انهن جا اڳيان پويان مائٽ، رونشي وارا رستي جا ماٺهو، پريس جا فوٽوگرافر، رپورٽرجن عورتن جي ننگن جسمن جن تي پورا ڪپڙا به نه هئا ۽ جن جوتن سوڌو مريضن جي بسترن تي پير رکي واري واري سان فوٽو پٽي ڪڍيا، جتي گدلي فضا جو هڪ ڪک به سٺو نه ويندو هجي، سڀ ڪجهه اندر وٺي اچو ۽ پوءِ ائڊمنسٽريٽر بنجي اجايون سجايون غير ذميواري واريون بيان بازيون ڪيو. ڇا اها آهي ايڊمنسٽريشن؟ توهان اندازو ڪيو ته اهڙي صورت ۾ ڇا ٿي سگهي ٿو. سواءِ هٿن ملڻ ۽ افسوس جي.

**توهان سمورو پروٽوڪول وساري گدلا ڪپڙا پائي اندر اچو، اندر برفون، واٽر ڪولر، پان جو ٽڪون، مانيون، بيماريون ڪنيو اچو، ماڻهو رات جو هڪ ٻين ٻين بجي تائين مريضن جي بسترن تي ويٺا هجن. اها به ڪا تميز آهي.**

اهو سڄو سارو تماشو ڊپارٽمينٽ کي نشانو ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي ته جيئن ايندڙ وقت ۾ اسان ڊپارٽمينٽ جي سڌاري، واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ جيڪي منظوريون ورتيون آهن، سي روڪائي ختم ڪري سگهجن.

آءٌ اوهان جي رسالي ذريعي اپيل ڪنديس ته عورتن ۽ ٻارڙن سان جتي به جيڪو ۽ جيترو به امتيازي سلوڪ ٿي رهيو آهي، خدارا پريس، دانشور، انهن تي گهري نظر رکن. پهرين هتي اسان جي تڪليفن ۽ مسئلن کي ڏسن، پوءِ پوري اسپتال کي ڏسن. چار آڱريون سيني وٽ آهن ۽ انهن جو نشانو اسين پاڻ ئي هوندا آهيون.

**ويچ:** مئڊم سڙڻ جي اها ڪهڙي ۽ ڪيتريقدر حالت هوندي آهي جنهن ۾ مريض کي اسپتال داخل ڪرائڻ ضروري هوندو آهي؟

**ميڊم:** اهو تمام سٺو سوال آهي، جنهن جوجواب ضرور ڇپجڻ گهرجي. ان جو دارومدار مريض جي سڙڻ واري جڳهه ۽ ان جي ان ڳالهه تي هوندو آهي ته جسم جو ڪيترو حصو سڙيو آهي. جيڪڏهن صرف هڪ يا ٻه سيڪڙو جسم سڙيو آهي ۽ ڪنهن خطري واري جاءِ يعني ساهه کڻڻ واري سرشتي وغيره وٽان نه سڙيو ته اهڙي مريض کي گهر ۾ ئي علاج ڏيئي سگهجي ٿو، پر جي اهو وات واري جڳهه يا اهڙي ڪنهن نازڪ جاءِ تي سڙيو آهي ته پوءِ مريض کي اسپتال داخل ڪرائڻ گهرجي. اصولي طور تي وڏي ماڻهو ۾ ٢٠ سيڪڙو ۽ ٻار ۾ ١٠ سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ اگر سڙيل جسم هجي ته ان کي لازمي طور اسپتال داخل ڪرائڻ گهرجي.

**آءٌ اوهان جي رسالي ذريعي اپيل ڪنديس ته عورتن ۽ ٻارڙن سان جتي به جيڪو ۽ جيترو به امتيازي سلوڪ ٿي رهيو آهي، خدارا پريس، دانشور، انهن تي گهري نظر رکن. پهرين هتي اسان جي تڪليفن ۽ مسئلن کي ڏسن، پوءِ پوري اسپتال کي ڏسن. چار آڱريون سيني وٽ آهن ۽ انهن جو نشانو اسين پاڻ ئي هوندا آهيون.**

منظوم اپيل

**مقصود گل**

# سگريٽ جون هاڃيڪاريون

بيشڪ خدا جي هٿ ۾ سڄو انتظام آ،
چرخو چلي ٿو خوب سندس ئي نظام آ.
اڻ ڪٿ، اپار، اڻ ڳڻيا، احسان جنهن ڪيا،
اشرف، اتم، عظيم هي انسان جنهن ڪيا.

—O—

ساذات پاڪ آهه سدا الم يزل ٻٽي،
بي مثل لازوال، اهو بي بدل ڏٽي.
تورا هزار چو نه سندس ڳائجن پيا،
ور ور وچور واهه جو ورجائجن پيا.

—O—

هر ڪنهن کي رزق ٿو ڏئي، پروردگار آ،
رازق، رحيم، روز رسان ڪردگار آ.
آهي عقل عطا ڪري احسان جنهن ڪيو،
مخلوق ۾ مٿي ڪري ۽ مانُ ڪنهن ڪيو.

—O—

هر دم سچيت سوچ سان هلجي سنڀالجي.
وچ ۾ بُري ڀلي جي وٺي ڪاٽ وارجي.
سگريٽ ساڻ وات ۾ بدبوءِ ٿي رهي،
سا ذائقي جي حس کي ٿي بي اثر ڪري،

—O—

هر ڪنهن عمل کان اڳ ۾ سڌيري سان سوچجي
جيڪو عقل ڏي فيصلو سوچي اهو ڪجي.
ڏڪ ڏڪ وڌي ٿي دل جي وڌي داٻ خون جو،
هر دم رهي ٿو مسئلو ذهني سڪون جو.

—O—

سگريٽ ساڻ جي تا رکن دوست دوستي،
سي پاڻ پنهنجو پاڻ سان ڪن تا پيا دشمني.
سُستي، شگر ۽ وات جون بيماريون وڌن،
ڦڦڙن تي سوچ ٿي ٿئي، ڪمزور ٿڌ ٿين.

—O—

ڪيسن ۾ هر گهڙيءَ اهي نانگ تا رکن.
پنهنجي صحت، جي پاڻ اهي ٻاڙ تا ٻٽن
گهٽجي وڃي ٿي يار نگاهن جي روشني،
ڳاڙهن جزن جي خون ۾ واقع ٿئي ڪمي.

—O—

سوچي ڏسن ته پنهنجو جلائن پيا جهڳو.
اهڙو فضول فعل انهن کان ئي آ پڳو
سهڪو وڌي ٿو ساهه ڏکيو ٿو کڄڻ لڳي.
سسٽم سڄو اندر جو پچڻ ۽ پرڻ لڳي.

—O—

سگريٽ مان ته ڪجهه به اسان کي نٿو ملي،
دز، ڏوڙ، خاڪ، ڇار نشو ٿو رڳو ملي.
سگريٽ جون اچا به گهٽيون مهربانيون،
کهڙيون ڳڻيڌايان سندس ڪج ادائيون.

—O—

بدبوءِ، باه، ڏوڏ، دونهون درد ٿو ملي،
سگريٽ سان زهر ٿو اندر ۾ پيو اوتجي،
ڪي تا چون ته دردم تسڪين ٿو ڏئي،
پر سوچيو سگريٽ رڳو خون ٿو پيئي.

—O—

سگريٽ ۾ جا آهه نڪوتين زهر آ،
سا شوق سان پيئون تا نسورو ئي قهر آ.
ڪج ڪج سان زهر جون ۾ شامل ٿئي پيو،
سگريٽ نانگ، ساهه پيئڻ ٿي پئي پيو.

—O—

سگريٽ ۾ جي اڻ ڳڻيان آهن مليل زهر،
ڦڦڙن، اکين، ڳلي تي ۽ دل تي تا ڪن آهي اثر.
هر هڪ نشي جي ٻاڙ آسگريٽ سوچجو.
سيئي نشا تماڪ مان سپجن تا دوستو.

سگريٽ يا ڪٽي هجن هي پَن جو بيڙيون،
ساڳي زهر جون تن ۾ آهن ٿريون رکيون.

—O—

سگريٽ آ بروءِ برائي بُري بلا،
سگريٽ جڏ تہ ڏي ٿو سموري بدن کي باھہ.

—O—

ڪپڙن کي، دل کي باھہ، هٿن ۾ لڱن کي باھہ،
سگريٽ جڏ تہ ڏي ٿو سموري بدن کي باھہ.

—O—

ڪوشش ڪيون تہ يارانهيءَ باھہ کان بچون،
سگريٽ نوش سان نہ ڪڏهن دوستي رکون.

—O—

ماچيس جون تيليون سڙيل سگريٽ جا ٽڪر،
اڇلي ڪري ٿو ڍير ۾ دونهين سندا ڪکر.

—O—

سگريٽ جي پين ٿا وڌائن ٿا گندگي،
ماحول ۾ رڳو سي ورهائن ٿا گندگي.

ماحول، گهر، وطن جي هن گدلاڻ کان بچو،
ميرو ڪري ٿي من تنهن ميراڻ کان بچو.

—O—

سگريٽ نوش دوست کان پاسو ڪرڻ کپي،
ان دوستي مان روڳ سوا ڪجھ نٿو ملي.

—O—

هر دم رکج پناھہ ۾ پروردگار تون،
صدقي رسول پاڪ جي ايڪردگار تون.

—O—

جيڪا بہ آھہ زندگي سقري سٺي هجي.
محتاج ڪاٻ ڪونہ ڪڏهن زندگي هجي.

—O—

گل پيار جا ڪٽي پيا هر هر ورهائجن
نغما وفا جا پنهنجي وطن ۾ پيا ڳائجن.




نئين نسل کي تماڪُ واپرائڻ
۽ ان جي تباهين ڪارين کان بچايو
ننڍا ٻار هميشه وڏن جو نقل ڪن ٿا
تَماڪُ نوشي:-
• دل جي بيمارين جو سبب بڻجي ٿو.
• ڪينسر جهڙو موذي مرض بہ ٿي سگهي ٿو.
• نظر جي ڪمزوريءَ جو سبب پڻ بڻجي ٿو.
• ساھ ۽ ڦڦڙن جون بيماريون پڻ ٿي سگهن ٿيون.

ان سان گڏوگڏ ۽ دولت جو اجايو زيان بہ ٿئي ٿو.
اميد تہ توهان اهڙي بري عادت کان پاسو ڪندا ۽
پنهنجي نئين نسل کي هن ذهر (نڪوٽين) کان بچائيندا.

# ذهني صحت جي گھٽتائي سبب پيدا ٿيندڙ غير متوازن شخصيتون

**هر** انسان جي ڳالهائڻ جو انداز ۽ گفتگو جا الفاظ، جذباتي اظهار، خيالاتي سوچن جو انداز ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ ۾ پسند ۽ ناپسند، همدرديءَ جو جذبو ۽ پنهنجي باري ۾ ذاتي خيالات، تقريباً هر انسان جي هر خوبي ۽ خاميءَ کان مختلف هوندا آهن.

اهي سڀ شيون هُن جي قدرتي ذهن، تعليم ۽ ماحول جي تربيت، پنهنجي ذاتي دلچسپي اردگرد جي ماضي ۽ حال ۾ ٿيندڙ حالات ۽ واقعات تي مشتمل هونديون آهن مختصر طور تي ڪٿي چئجي ته هن جي ذهني صحت تي دارومدار رکن ٿيون.

پر اڪثر ڏٺو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن به هڪ ماڻهو لاءِ جيڪڏهن ڪافي مختلف ماڻهن جي راءِ ورتي وڃي جيڪي ان شخص کي چڱي طرح سڃاڻندا هجن ته تقريباً ساڳئي طرح جو بيان ملندو ۽ سَرسَري طور تي اندازو ٿي ويندو ته اهو شخص ڪهڙي طبعيت جو مالڪ آهي يا ڪهڙي شخصيت يا طبعيت اٿس ڪامياب

ليکڪ: ڊاڪٽر رفيق احمد سومرو- شڪارپور سنڌ

به آهي يا نه. ذهني طور صحتمند آهي يا نه. هن مضمون ۾ ذهني صحت جي گھٽتائي سبب پيدا ٿيندڙ غير متوازن شخصيتن بابت احوال ڏنو ويو آهي. ذهني صحت جي کوٽ يا گھٽتائي جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا ۽ اڪثر طور تي حالات ۽ واقعات جو دخل به هوندو آهي. غير متوازن يا غير صحتمند شخصيتن جا تقريباً ڏهه قسم آهن. اچو ته ڏسون ته ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون ۽ خاميون پاڻ ۾ ملي ڪري الڳ الڳ شخصيت بنائن ٿيون، جيڪي هن جي ڪاميابي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون. هن مضمون جو تعلق علاج جي طريقن سان نه پر صحت جي سکيا يا Health Education سان آهي. ڪامياب ٿيڻ لاءِ ذهني صحت جو هجڻ تمام ضروري آهي.

بيمار شخصيتن جا هي ڏهه قسم آهن.

Type of Personality
1- Asthemic Personality
2- Inadequate Personality
3- Cyclothymic Personality
4- Hysterical Personality
5- Paranoid Personality
6- Obsessive Compulsine Personality
7- Explosive Personality
8- Passive Aggressive Personality
9- Antiscocial Personality
10- Schizoid Personality

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن به هڪ ماڻهو لاءِ جيڪڏهن ڪافي مختلف ماڻهن جي راءِ ورتي وڃي جيڪي ان شخص کي چڱي طرح سڃاڻندا هجن ته تقريباً ساڳئي طرح جو بيان ملندو ۽ سَرسَري طور تي اندازو ٿي ويندو ته اهو شخص ڪهڙي طبعيت جو مالڪ آهي

هاڻي ترتيب وار هر هڪ شخص جو ٿورو احوال ڏجي ٿو.

**(١) اعصابي طاقت جي کوٽ واري ڪمزور ذهن شخصيت**
Asthemic Personality

قدرتي اعصابي ڪمزور سبب هي ماڻهو ذهني طور ڪمزور هوندو آهي. هن ۾ ايتري صلاحيت نه هوندي آهي ته هو پنهنجي ڪم ڪار ڪندو رهي. هو اعصابي ڪمزوري سبب جَلدي جَلدي ٿڪجي پوندو آهي. هن کي هر وقت ڪنهن نه ڪنهن حملي جو خطرو رهندو آهي. هو سوچيندو آهي ته ڪٿي هو متاثر ته نه ٿيندو. هن جون اميدون به گهٽ هونديون آهن ۽ جهيڙو جهڳڙو به گهٽ ڪندو آهي. يعني پنهنجي ذهني ۽ جسماني ڪمزوريءَ سبب ٻين جي آڏو ڪونه ايندو آهي. بس پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي پر پنهنجا ڪم ڪاريون تڪڙ سان نه ڪري سگهندو آهي. هن کي هميشه تحفظ جي ضمانت جي ڳولا هوندي آهي.

**(٢) اعتماد جي کوٽ واري منجهيل ۽ غير متوازن شخصيت**
Inadequate Personality

هي ماڻهو عام رواجي زندگي گذارڻ ۾ ناڪام رهندو آهي. حالانڪ هن ۾ ذهني صلاحيتن جي کوٽ نه هوندي آهي، پر هن ۾ خود اعتمادي جي کوٽ هوندي آهي. جنهن جي ڪري هو پنهنجي مسئلن جا حل نه ڪڍي سگهندو آهي. هو حد کان وڌيڪ ٻين تي دارومدار رکندو آهي، چاهي

ڏيڪاريندو آهي ۽ ماڻهن سان وڙهي پوندو آهي. هن کي پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول نہ هوندو آهي، هن جي طبعيت ۾ اڪثر غضو ۽ ڪاوڙ رهندي آهي ۽ چڙچڙو پيو ظاهر ڪندو رهندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ سان ڪوبہ ٿورڙو مذاق ڪندو يا غلطي ڪيندو يا حجت ونندو تہ يڪدم چڙي پوندو. بس هن کي هر ڳالهہ تي جهيڙو ئي ڪرڻو هوندو آهي. ماڻهو هن کان بيزار هوندا آهن.

**(۸) جهيڙاڳو ۽ شيطان صفت شخصيت**
Passive Aggressive Personality

هي ماڻهو ٻين جي راهہ ۾ ڪم ڪار ۾ روڙا اٽڪائيندو آهي. هن کي دل ۾ حسد، ساڙ ۽ نفرت هوندي آهي. هو ٻين جا ٺهيل ڪم ڊاهيندو آهي. افراتفري پيدا ڪندو آهي هو پنهنجي آفيسر جي حڪم هلائڻ کي بہ برو سمجهندو آهي ۽ وڙهي پوندو آهي. هو جهيڙو پاڻ شروع ڪندو آهي، پوءِ وري ٻي جي ڳچيءَ ۾ پوندو آهي تہ جهيڙو هن شروع ڪيو آهي. هو برن نتيجن جو ذميوار ٻين کي ڄاڻيندو آهي. هو هميشہ ٻين جي لاءِ مصيبت بڻجندو آهي. ٻيا هن مان تنگ هوندا آهن ۽ دل ۾ برو محسوس ڪندا آهن هن جو ڪم ئي ٻين کي عذاب ۾ وجهڻ آهي.

**(۹) سماج دشمن شخصيت**
**تخريبڪار، چور، ڌاڙيل، ڌوهي شخصيت** Antiscocial Personality

هي ماڻهو قانون شڪن، رنجائيندڙ، ڦريندڙ ڪائيندڙ، ظلم ڪندڙ نڳ، بداخلاق، چور، ڌاڙيل، ڌوهي، ٻين جو مال ۽ حق غصب ڪندڙ هوندو آهي. هن ياران ڪڏهن جيل يا ڪورٽ جو بہ چڪر هنيو ويندو آهي. هن ۾ خودغرضي، حسد، لالچ، ڪوڙ ۽ سڀ خراب عادتون ٿي سگهن ٿيون. صحيح هلڻ ۽ ٻين سان عزت سان هلڻ هن کي پسند نہ هوندو آهي. هو ڏک ۽ پريشاني کي برداشت ڪرڻ نہ چاهيندو آهي. هو ڪنهن سان سچو يا وفادار نہ هوندو آهي. ٻين کي هن تي ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي. هو دوستي رکڻ جي قابل نہ آهي، پراڻي عادت سبب ملڪيت ڦٻائڻ ۽ جهيڙا جهڳڙا ڪرڻ ۽ قانون شڪني هن جو پسنديده عمل آهي.

**(۱۰) چريائپ، دل شڪستہ شخصيت**
Schizoid Personality

هي ماڻهو سماجي طور ۽ معاشرتي طور تي مختلف هوندو آهي هو ٻين سان ملڻ جلڻ ۾ تڪليف محسوس ڪندو آهي ان کي تمام ٿورڙا دوست هوندا آهن. هو گهڻو ڪري ٻين کان الڳ ٿلڳ رهڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي ۽ هن ۾ Consentration power هڪ هنڌ ذهن ٽڪائي ويهڻ جي صلاحيت نہ هوندي آهي. هو هر ڳالهہ کي رازداريءَ ۾ رکندو رهندو آهي. هن ماڻهوءَ کي ايتري توانائي -Ener gy بہ نہ هوندي آهي جو پنهنجو هر ڪم ڪار جلدي جلدي ڦڙتي سان ڪري سگهي هو ڪنهن ذهني عارضي مان گذري چڪو هوندو آهي ۽ شديد صدمي سهڻ ڪري متاثر ٿي پوندو آهي. هن کي آرام جي ضرورت هوندي آهي.



توهان جڏهن هي سمورو معلوماتي مضمون پڙهي پورو ڪريو تہ پوءِ پنهنجي پسند يا ناپسند ماڻهوءَ بابت جائزو وٺي ڏسو تہ توهان جو ان جي متعلق ڪهڙو خيال آهي. هو ذهني طور صحتمند آهي يا نہ. جيڪڏهن چڱين ڳالهين کان خراب ڳالهيون وڌيڪ هجن تہ ان صورت ۾ ڪنهن نفسياتي ماهر Psycologist سان ملڻ جي صلاح ڏيڻ گهرجي.

علاج بابت اهو ماهر پاڻ ئي صلاح مشورو ڏيندو تہ جيئن باقي رهيل زندگي ڪامياب طريقي سان گذاري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ سان مزو آهي. زنده بہ رهجي ۽ ناڪام بہ رهجي تہ پوءِ سوچڻ گهرجي تہ غلطي ڪٿي آهي. پنهنجي صحت جي خرابي آهي يا ماحول جي خرابي آهي جنهن کي درست ڪري ڪامياب ٿي سگهجي ٿو.

# منهنجو عشق

**ڊاڪٽر پيرانڻ جون ڳالهيون**

هڪ ڀيري هڪ ڇوڪريءَ مون سان حجت ڪري سوال پڇيو ته تو ڪڏهن عشق ڪيو آهي. سوال ٻهريائين ته ڏاڍو ڏکيو لڳوءِ ڪجهه ڪاوڙ به آئي ڇو ته ڇوڪريءَ جي عمر مون کان گهٽي ننڍي هئيءِ ان نسبت سان ڪيس اهڙو سوال پڇڻ ڪونه گهربو هو، پر پوءِ همٿ ڪري هاڪاري جواب ڏيندي ڇيومانس ته، ڪيو آهي. پر پيار مون سان ڏاڍيون جٺيون ڪيون آهن. پڇيائين ته ڪيئن، ڇيومانس انهي پيار جي ڪري آءُ ذيابيطس جي مرض ۾ مبتلا ٿيس، بلڊپريشر وڪوڙي ويو، وزن وڌي ويوءِ نيٺ معاملو دل جي مرض تائين پهتو. ڇوڪري پيار جي اها ڪهاڻي ٻڌير ڏاڍو پريشان ٿيءِ نيٺ پڇڻ لڳي ته اها ڪير بدنصيب هئي، جنهن جي ڪري تون ايترين مصيبتن ۾ ڦاٿين، ڇيومانس بدنصيب نه چويس، هن جو اڄ به مون سان ساٿ آهي ان سان ئي منهنجو جيئڻ آهي ان کي ڪڏهن به ڏکيو نٿو رکي سگهان. پڇيائين ته توسان اهڙيون حالتون ڪيائين پوءِ به تون ڏکيو نٿو رکي سگهينس، بليڪ ميل ڪندي اٿئي چاوراٿيم ائين ئي سمجهه اگر مون کيس ڏکيو رکيو ته منهنجو جيئڻ حرام ٿي سگهي ٿو. ڇوڪري پريشان ٿي وئي ته تو جهڙو ماڻهو به بليڪ ميل ٿي سگهي ٿو، ڇيو مانس صرف مان نه پر ان هٿان دنيا جو هر ماڻهو بليڪ ميل ٿي سگهي ٿو، پوءِ ڪير گهٽ ڪير وڌ. بس مون کان غلطي اها ٿي وئي جو مون کيس گهڻو مٿي تي چاڙهي ڇڏيوءِ نتيجي ۾ اهي ڏينهن ڏسڻا پيا. بس منهنجي سڄي دنيا جي ماڻهن کي اپيل آهي ته انهيءَ کي ايترو مٿي تي نه چاڙهين جو ڪين مون وانگر ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پون. ڇوڪري پريشان ٿي هٿ ٻڌا ته هاڻي ڪٽي نالو ٻڌاءِ.......! مون هڪدم پنهنجي پيٽ تي هٿ رکيو ته هي آهي اهو ظالم جنهن مونکي اهڙا ڏينهن ڏيکاريا.

ها واقعي گهڻي کائڻ سان پيٽ ته خوشْ رهي ٿو؛ پر اهي سڀ بيماريون جنم وٺي سگهن ٿيون، ان ڪري هر وقت وچ ٿرو کائجي پيٽ کي نه ته بالڪل خالي رکجيءِ نه بالڪل ڀريل سائنس صفا اهڙي روش هجي جهڙي اڄوڪي دور ۾ ڪنهن گرل فرينڊ سان.

کاڌي پيتي ۾ هر شيءِ کائجي پر ٿوري ٿوري ڪري، ڪجهه گوشت ڪجهه مڇي، ڪڏهن سبزي ته ڪڏهن دال پر ڪوشش ڪري سبزين تي وڌيڪ گذران ڪرڻ گهرجي ڇو ته اهي پيٽ کي ڀري به ڇڏين ٿيون ءِ ڳرو به ڪونه ٿيون ڪن بالڪل اهڙي ريت جيئن پنهنجي حقيقي زال جو ڪيسي تي بار نه هجي.

کاڌي پيتي جي وقتن جي وچ ۾ ٿورو ٿورو پڻ کائڻ گهرجي جنهن ۾ سلاد، بسڪٽ ءِ گهٽ مٺا مشروب. انهن جي روش پيٽ سان ائين هوندي جيترو ننڍڙن ٻارن کي ڪيسي مان خرچي ڪڍي ڏيڻ.

مطلب ته جيئن زندگيءَ ۾ پراين ماين سان ياري دوستي رکڻ کان بچي ڪري پنهنجي زال ءِ ٻارن تي گذران ڪرڻ بهتر آهي ائين پيٽ کي به ڳرن کاڌن کان بچائي ڪيس هلڪين ڦلڪين شين سان ڀرڻ گهرجي.



11 جولائی
عالمی یوم آبادی

# چھوٹا سا گھرانہ
# خوشیوں کا خزانہ



چھوٹا خاندان ہی خوشحال زندگی کی بنیاد ہے ۔ اپنا کنبہ چھوٹا رکھیے
تاکہ آپ اپنی ہر ذمہ داری باسانی پوری کر سکیں ۔

**یعنی آپ بھی خوش بچے بھی خوش**

مشورے کے لئے اپنے قریبی فلاحی مرکز تشریف لائیں ۔

## وزارت بہبود آبادی

حکومت پاکستان



200 YEARS
ESTABLISHED 1794
عطیۂ خداوندی کی حفاظت
دو صدیوں سے ہماری روایت
قدیم روایت کے امین
بینائی کی حفاظت، آنکھوں کی صحت وصفائی اور خوبصورتی کے لئے سُرمہ کا استعمال ایک قدیم روایت ہے۔ طبِ مشرق میں سُرمے کو خاص طبّی اہمیت حاصِل ہے۔ عہدِ حاضر میں بھی سُرمے کی افادیت مُسلّمہ ہے۔ مختلف جڑی بُوٹیوں، مروارید وجواہرات کی آمیزش سے تیّار کردہ ہاشمی سُرمے دو صدیوں کی تحقیق وتجربے کا نچوڑ اور اعلیٰ معیار کے حامِل ہونے کے باعث آج بھی ہر خاص وعام میں یکساں مقبول ہیں۔
HASHMI SURMA SPECIAL
ہاشمی سُرمہ
انمول بصارت، سب کے لئے
HASHMI SURMA
Mohammad Hashim Tajir Surma
Eidgah M.A. Jinnah Road, GPO 692, Karachi, Pakistan.
Tel: (021) 7727860 - 7726928 Fax: 092 - 21 - 7725939
E-mail: a.hashmi@cyber.net.pk
ESTABLISHED 1794
CONSULTATION TIMING: MORNING 11 AM TO 1PM EVENING 5 PM TO 6 PM

# POPULATION GROWTH & OUR SOCIETY

# وڌندڙ آبادي ۽ اسان جو معاشرو

نواز قل

ڪجهہ وقت اڳ جي ڳالهہ آهي، مان ڪراچي کان ڳوٺ پهتس تہ امڙ وٽ هڪڙي سندس پيڻ يعني منهنجي ماسي بہ آيل هئي. هن کان اڳ مون ڪيس ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. خير ان ڏينهن تہ ڏٺو مانس. شام جو ماسي وڃڻ لاءِ تيار ٿي تہ مون کي بہ دعوت ڏنائين. مون ساڻس ٻئي ڏينهن پهچڻ جو واعدو ڪيو. ماسي رواني ٿي وئي. خير سان رات گذري ٻئي ڏينهن سج اڀرندي سان ماسي جي گهر پهتس. ماسي ۽ ماسڙ مليا. ٿوري دير کان پوءِ ٻارڙن جي هڪ ڊگهي قطار نهي وئي جيڪي سڀ مون سان ملڻ آيا هئا. مان بہ هٿ ملائيندو ويس، انهن مان ڪجهہ ڇوڪرا هئا تہ ڪجهہ ڇوڪريون. مون سوچيو تہ شايد هي ٻار مڪس آهن يعني ڇئن پنجن ماسين جا. پر حيرت ان وقت ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ توهان کي بہ حيرت لڳي تہ اهي ٻار سڀ منهنجي هڪ عدد ماسي جا هئا. مان پريشان ۽ حيران ٿي سوچڻ لڳس تہ ڪيترا ٿيندا. مون کي پريشان ڏسي شايد ماسڙ سمجهي ويو ڇيائين سوچين ڇا ٿو اهي ٻار سورنهن کن ٿيندا. مون ڪانئس نالا پڇيا، ماسڙ ٽن کان وڌيڪ ٻارن جا نالا ڪونہ ٻڌائي سگهيو ۽ چيائين تہ انهن جي ماءُ کي خبر هوندي، مون ماسي ڏانهن ڏٺو جيڪا رڌ پچاءُ ۾ رُڌل هئي. ٿوري دير ڪانپوءِ ٻارن جو گوڙ شروع ٿيو ٻار پاڻ ۾ ماني تي وڙهي رهيا هئا. ٻارن جي شور سان گڏوگڏ ماسي بہ شروع ٿي وئي. ڏسندي ئي ڏسندي ماسڙ جو وات بہ کليو پوءِ تہ ٻنهي جي ڏي وٺ شروع ٿي وئي. ٿوري ديرکان پوءِ ماسڙ تہ ٻاهر هليو ويو، پر ماسي بنا بريڪ ڳالهائيندي رهي ۽ ٻارن جي مرمت بہ ڪندي رهي. مان وري سندن گهر جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. هڪڙو ڪمرو، ان ۾ بہ ڪتون ۽ ٿورڙو سامان معنيٰ گهر زندگي جي هر آسائش کان آزاد. ماسي نيٺ ڳالهائڻ ۾ بريڪ هنيو تہ منهنجي موجودگي جو خيال آيس، چوڻ لڳي ابا ڇا ڪيان، انهن تہ زندگي ئي زهر ڪري ڇڏي آهي، ڇورا نہ ڪم جا نہ ڪار جا. مئو ماريو روز گهر آڻي پنجاهہ روپيا، مان ڪٿان پورت ڪنديس. ڇيومانس تہ ماسي ٻار ڪيترا اٿئي. ڇيائين ابا سورنهن اٿم ۽..... مان ماسي ڏانهن تڪيو، جيڪا شرمائڻ لڳي. مان سمجهي ويس تہ ماسي پيٽ سان آهي. معنيٰ تہ هي انگ ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ سترنهن کي پهچندو.

مون کي هن گهر جون حالتون ۽ وڌندڙ آبادي کي ڏسندي ڪجهہ دلچسپي وڌي ۽ مون سوچيو تہ ڇو نہ هڪ اهڙي گهر جو حال احوال معلوم ڪجي جنهن جي آمدني ۵۰ روپيہ هجي ۽ گهر ۾ رهندڙ ڀاتين جو انگ ۱۸ هجي.

مون ماسيءَ کان سندس زندگي جو حال احوال وٺڻ شروع ڪيو. ماسي پنهنجو حال احوال ٻڌائڻ شروع ڪيو. ”ابا منهنجي شادي تيرنهن سالن جي عمر ۾ ٿي هئي. ان وقت مان ننڍي هيس، ڪا سمجهہ





ڪونه هئي، پر وقت هر ڪنهن کي وڏو ڪري ڇڏيندو آهي. سال ڪان پوءِ ٻارن جو سلسلو شروع ٿي ويو. منهنجي سهري وٽ ٻه ايڪڙ زمين هئي ۽ ان ۾ ٻارنهن ڀائر حصيدار هئا. ڏئي وٺي اسان کي گهرجو ٽڪرو هٿ آيو، جتي گهر ٺاهيوسين. ٻن ٽن ٻارن تائين ته وقت سٺو گذرندو رهيو. پر ضرورتن وڌڻ ڪري مون به مڙس کي گهرجي ضرورتن بابت چوڻ شروع ڪيو. جنهن سان گهر ۾ جهيڙا جهڳڙا شروع ٿيا ۽ آخر منهنجي مڙس انهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ اوتاري جو وچي پاسو ورتو. پهريان ڀنگ پيئندو هيو. پوءِ آهستي آهستي سلفي پيئڻ شروع ڪيائين، جنهن کان وڌيو ته چرس پيئڻ لڳو ۽ هاڻي هيروئن پئي پيو. هينئر ته ڪائنس ڪو ڪم به ڪونه ٿو پڄي. ادي سوياري رحم کائي کيس هوٽل تي بيهاريو آهي. اهي به پئسا ادو مون کي ڏيندو آهي، نه ته اهي به مئو ماريو نشي ۾ وڃي وڃائي اچي. مان به شروع ۾ ڪم ڪندي هيس پر هاڻي مون کان به ڪو ڪم نٿو پڄي، سستي ٿئي ٿي. مٿي ۾ سور پوي ٿو. عضوا ڏکڻ لڳن ٿا. نه ڪو ٻار پڙهيا نه ئي ڪو هنر سکيا سڄو ڏينهن لوفرائپ ڪندا وتن ٿا."

ماسي خاموش ٿي وئي. مان سوچڻ لڳس ته انهن سورنهن ٻارن جو مستقبل ڇا ٿيندو؟ جيڪي نه پڙهيا آهن نه ڪو هنر اٿن نه ئي ڪا ملڪيت.

مون ماسي کي چيو ته توهان جي گهرجون حالتون خراب آهن. نه ڪو آمدني جو ذريعو اٿوَ، نه ئي ڪو ٻارن کي پڙهايو اٿوَ، نه ئي ڪو هنر اٿن نه وري ڪا خانداني ملڪيت ئي اٿن جو سياڻي ان تي گذر سفر ڪن. توهان هاڻي ٻار بند ڪرائي ڇڏيو. ڇوڻ لڳي ته اهو وري ٻاربند ڪيئن ٿيندا آهن؟ مون کيس چيو ته فيملي پلاننگ وارن جون اسپتالون آهن، جتي توهان جو ڪو خرچ نه ايندو. پڇڻ لڳي ته اهي وري ڪير ٿيندا آهن؟ مون کيس سمجهائڻ شروع ڪيو. گهڻي دير ڪان پوءِ کيس ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته چوڻ لڳي نه بابا نه! وڃين پون ڪڏ ۾. اهي ته مئا ماريا يهودين جا مسواڙي آهن. انهن جي چوڻ تي ٿا ٻار ختم ڪرائين ته جيئن مسلمان وڌن نه، ۽ اهي ٿورا هجن ۽ اسين گهٽا ٿي مٿن حڪمراني ڪيون. مان وائڙو ٿي ويس. مون ڪائنس پڇيو ته ماسي اهوتوکي ڪنهن ٻڌايو آهي ته چوڻ لڳي ته مسجد وارو مولوي عطنو، جيڪو جمعي مبارڪ تي واعظ ڪندو آهي، اهو چوي پيو. مون ماسي کي گهڻي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ماسي آخر تائين ڪونه مڃيو. مان ڪائنس موڪلائي پنهنجي گهر روانو ٿيس ۽ سوچيندو رهيس ته هن ماسي ۽ ماسڙ جو ڇا ٿيندو جيڪي سورنهن ٻار ڄڻي چڪا آهن ۽ سترهون ٻار ڄمڻ وارو اٿن ۽ اجان ماسي جي عمر ٣٦ سال آهي، جيڪا ٿي سگهي ٿو ته اجا به ٻار ڄڻي.

هيءَ ڪهاڻي صرف منهنجي ماسي جي نه پر معاشري ۾ ڪيترن ئي فردن جي آهي، جيڪي تعليم نه هجڻ ۽ ڪو روزگار جو وسيلو نه هجڻ ڪري

آزادي وقت انهن علائقن جي آبادي جيڪي اڄ پاڪستان سان شامل آهن، ٽي ڪروڙ ٢٥ لک هئي. ان وقت خانداني منصوبا بندي تي عمل ڪرڻ جي شرح ١ء٩ هئي. هر سال ملڪ ۾ ٣٠ لک ١٠ هزار فردن جو واڌارو ٿئي ٿو. آبادي ۾ واڌاري جي شرح ٣ء٢ سيڪڙو کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو ته ٣٠ سالن ۾ ملڪ جي آبادي ٻيڻي ٿي ويندي.

پريشان آهن. اسين جڏهن پنهنجي وايومنڊل ۾ نظر ڦيرائيندا سين تہ پاڪستان جي ٧٩٦٠٩٨ چورس ڪلوميٽرن ۾ آباد ١٣ ڪروڙ ٦ لک فردن مان ۴۵ سيڪڙو توهان کي اٽيڙهيل ملندا.

اڃو تہ انهن سببن تي ٿوري نظر وجهون جيڪي آباديءَ کي وڌائي رهيا آهن ۽ انهن ڳالهين تي بہ غور ڪريون جيڪي آبادي کي روڪڻ لاءِ اسان لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهن ٿيون ۽ انهن قدمن تي بہ ٿوري نظر ڦيرايون جيڪي حڪومت ۽ مختلف سماجي ڀلائي جي تنظيمن طرفان کنيا ويا آهن.

## پاڪستان جي آبادي جا انگ اکر

١٩٩٨ع جي ماڻهن جي ڳڻپ مان پتو پوي ٿو تہ آبادي ۾ واڌاري جي شرح ۾ گهٽتائي آئي آهي، نتيجن پٽاندر پاڪستان جي آبادي ١٣ ڪروڙ ٦ لک آهي. پنٽي نظر وجهندا سين تہ ١٩۴٧ع کان پوءِ آبادي ۾ چوڻو واڌارو آيو آهي. ١٩٨١ کان ١٩٩٨ جي وچ ۾ جيتوڻيڪ آبادي ۾ ۵۵ سيڪڙو واڌارو ٿيو آهي. تنهن هوندي بہ آبادي ۾ واڌاري جي شرح ٢٠٣ سيڪڙو تائين اچي وئي آهي. هن وقت پاڪستان آبادي جي لحاظ کان دنيا جو ستون وڏو ملڪ آهي. آزادي وقت انهن علائقن جي آبادي جيڪي اڄ پاڪستان سان شامل آهن، ٽي ڪروڙ ٢۵ لک هئي. ان وقت خانداني منصوبا بندي تي عمل ڪرڻ جي شرح ٩٠١ هئي. هر سال ملڪ ۾ ٣٠ لک ١٠ هزار فردن جو واڌارو ٿئي ٿو. آبادي ۾ واڌاري جي شرح ٢٠٣ سيڪڙو کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو تہ ٣٠ سالن ۾ ملڪ جي آبادي ٻيڻي ٿي ويندي.

پاڪستان ۾ هر سال اٽڪل ٣٠ لک ۵٠ هزار ٻار ڄنم وٺن ٿا. سڄي دنيا جي آبادي ۾ روزانو ۴٠ هزار نئون ڄنم وٺندڙ ٻار لاڏاڻو ڪري وڃن ٿا. جن جو سال ۾ انگ ١۴۴٠٠٠٠ يعني هڪ ڪروڙ چوئيتاليهہ لک ٿئي ٿو.

پاڪستان جي آبادي جو ٢٨ سيڪڙو عوام غربت کان بہ گهٽ زندگي گذاري ٿو، جن جي گهر ۾ ڪا ورلي چلهہ ٻري ٿي نہ تہ اڪثر ملئي جلئي تي گذران ڪن ٿا. هنن وٽ رهڻ لاءِ گهر بہ ناهن، هي هِتي هُتي تنبو هڻي زندگي بسر ڪن ٿا.

پاڪستان ۾ ٣٠ سيڪڙو آبادي کي پيئڻ جو صاف ۽ مٺو پاڻي ميسر ناهي، هي ڪڏن، ڍنڍن ۽ واهن جو پاڻي استعمال ڪن ٿا. جيڪو هو ٻري ٻري کان ٻري ايندا آهن، جيڪو مينهن پوڻ جي صورت ۾ انهن کي ملندو آهي. مينهن نہ پوڻ جي صورت ۾ هنن لاءِ پاڻي وڏو مسئلو ٿي وڃي ٿو. جيئن هن سال سوڪهڙيءَ ۽ ڏڪار منهن ڪڍيو.

پاڪستان جي اٽڪل ۵٠ سيڪڙو آباديءَ هڪ ڪمري جي گهر ۾ رهي ٿي ۽ هر گهر ۾ اٽڪل ٧ ڀاتي رهن ٿا. ملڪ ۾ آبادي جو ٣٢ سيڪڙو شهرن ۾ رهي ٿو. شهرن جي آبادي ٣٠۵ سيڪڙو جي حساب سان وڌي رهي آهي، جنهن جو سبب روزگار جي فراهمي، تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا، بجلي، گئس، فون جي سهولت ۽ ٻيون مختلف سهوليتون آهن، جن جي ڪري ٻهراڙين مان لڏ پلاڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي، نوجوان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ شهر ۾ رهائش کي ترجيح ڏين ٿا، ڪين اتي سرڪاري نوڪري نہ تہ پرائيويٽ روزگار ملي وڃي ٿو. شهرن ۾ مڪاني ماڻهن جي آبادي گهٽ رهائش پذير آهي، پر اتي گهڻي آبادي ٻاهران آيل فردن جي آهي. باقي لوڪل ماڻهو اڄ بہ ٻهراڙي ۾ رهائش پذير آهن، جن جو دارومدار زراعت تي آهي، جيڪا بہ ١٩۴٧ جي مقابلي ۾ پوکائي جي لائق ١٠١ مان گهٽجي ڪري ٠۵ رهجي وئي آهي.

پاڪستان جي ڪل رقبي جي ۴ سيڪڙي حصي تي ٻيلا آهن، باقي ٩٦ سيڪڙو حصو بيابان، جبل، ڏنڌن ۽ پوکائي لائق زمين تي مشتمل آهي. هن ئي حصي تي شهر ۽ ڳوٺ بہ آباد آهن، جتان جي آبادي کي پاڻي جي نيڪال جي سهوليت صرف ١۴ سيڪڙو آبادي کي آهي، يعني ٨٦ سيڪڙي آبادي کي هيءَ سهوليت ميسر ناهي ۽ ٨٦ سيڪڙو آبادي کي بجلي جي بہ سهوليت ميسر ناهي. پاڪستان ۾ ١٦۴٠ فردن تي هڪ ڊاڪٽر ۴١١٧ فردن تي هڪ نرس ۽ ١۴٩٦ فردن جي لاءِ اسپتال ۾ هڪ بستري جي سهوليت موجود آهي. هيءَ تہ انگ اکر سڄي پاڪستان جي آبادي جا آهن، پر جڏهن شهرن جي اسپتالن تي نظر وجهندا سين تہ اتي مريضن کان وڌيڪ ڊاڪٽر ۽ نرسون ملنديون. هڪ رپورٽ موجب سول اسپتال ڪراچي ۾ هڪ بستري تي هڪ ڊاڪٽر ۽ ٻن نرسن جي سهوليت موجود آهي پر ٻهراڙين ۾ اڄ

**هن دور ۾ ڊاڪٽرن جي بي رخي ۽ لاپرواهي جو زنده مثال ڊاڪٽر پيرات آهي جيڪو دل جي تڪليف جي ڪري NICVD ۾ داخل ٿيو. جتان جي ڊاڪٽرن ڪيس بہ نظرانداز ڪري ڇڏيو. جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر صاحب ويڄ جي مئي واري شماري جي ڪالم ۾ ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب تہ هڪ مشهور شخصيت آهي. جيڪي ڊاڪٽر هن جهڙي فرد کي بہ نظرانداز ڪري سگهن ٿا تہ انهن جو رويو عام ماڻهن سان ڇا هوندو. اهو توهان پاڻ بہ سوچي سگهو ٿا تہ پوءِ هن روئي ۽ بي رخي ڪري عوام ڪيئن نہ نااهل ۽ ڄٽ حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن جي ور چڙهندو. هنن اڌ حڪيمن جي ئي هٿان عوام لڄي آخر هن دنيا مان ئي لاڏاڻو ڪري وڃي ٿو.**

**هن وقت اسان وٽ تعليم جي حد وڏن جي ڪري آبادي ۾ گهٽتائي رونما ٿيڻ شروع ٿي آهي، جنهن جو سبب ڇاڻ جو ملڻ ۽ فيلڊ ورڪرز آهن. هن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ عام ذريعن وسيلي جيڪڏهن معلومات ڪي عوام تائين پهچايو وڃي تہ ان جا سٺا نتيجا نڪرندا.اسان وٽ بدقسمتي سان پراجيڪٽ صرف فائلن تائين محدود رهن ٿا. انهن جا فنڊس بہ فائلن ڪان ٻاهر**

بہ بيسڪ هيلٿ سينٽرن ۾ ڊاڪٽر موجود ناهن. جيڪي ڊسپينسرن جي رحم ڪرم تي هلن ٿا، اتي تربيت ورتل دايون بہ موجود ناهن. اڄ بہ ٻهراڙي جا ماڻهو اسپتالن جي عملي جي بي رخي ۽ لاپرواهي جي ڪري اڏ حڪيمن ۽ داين جي ور چڙهن ٿا، ۽ ان جي پڇاڙي آخرڪار موت تي ٿئي ٿي.

هن دور ۾ ڊاڪٽرن جي بي رخي ۽ لاپرواهي جو زند، مثال ڊاڪٽر پيراڻ آهي. جيڪو دل جي تڪليف جي ڪري NICVD ۾ داخل ٿيو، جتان جي ڊاڪٽرن ڪيس بہ نظرانداز ڪري ڇڏيو. جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر صاحب ويچ جي مئي واري شماري جي ڪالم ۾ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب تہ هڪ مشهور شخصيت آهي. جيڪي ڊاڪٽر هن جهڙي فرد ڪي بہ نظرانداز ڪري سگهن ٿا تہ انهن جو رويو عام ماڻهن سان ڇا هوندو. اهو توهان پاڻ بہ سوچي سگهو ٿا تہ پوءِ هن روئي ۽ بي رخي ڪري عوام ڪيئن نہ نااهل ۽ ڇٽ حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن جي ور چڙهندو. هنن اڏ حڪيمن ۽ ڪوئيڪس ڊاڪٽرن جي ڪري هٿان عوام لتجي آخر هن دنيا مان ئي لاڏاڻو ڪري وڃي ٿو.

هن وقت سڄي پاڪستان ۾ ڪوئيڪس، حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن جي ڦرمار لڳي پئي آهي. توهان اخبارن توڙي رسالن ڪي ڏسندا تہ ڪيترن ئي قابل توجهہ بيمارين جي گارنٽي سان علاج ڪرڻ جا اشتهار ڏسڻ ۾ ايندا ۽ حقيقت ۾ انهن وٽ هنن بيمارين جو ڪوبہ علاج ناهي.

پاڪستان ۾ هر سال اٽڪل ۲۸ هزار مائرون حمل دوران ۽ ٻار ڄمڻ وقت موت جي منهن ۾ هليون وڃن ٿيون. هنن

### ڪونہ نڪري سگهندا آهن.

موتن جو وڏو سبب اڻ ڄاڻ داين هٿان ويم ڪرائڻ آهي.

## عوام ڪي آبادي جي پلاننگ لاءِ ڄڪڻ ۽ آماده ڪرڻ

عوام ڪي آبادي جي پلاننگ لاءِ ڄڪڻ ۽ ڪين آبادي ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ ذهني طور تي آماده ڪرڻ لاءِ اهڙن پروگرامن ڪي ترتيب ڏيڻو پوندو، جن سان عوام ڪي وڌندڙ آبادي جي ڪري پيدا ٿيندڙ مسئلن ۽ انجي حل بابت ڄاڻ ملي. هونئن بہ فيملي پلاننگ ڪاتي طرفان مختلف ذريعن وسيلي معلومات ڏني وڃي ٿي، ان معلوماتي ذريعن ۾ ترقي ۽ نواڻ بہ آئي آهي. اهوئي سبب آهي جو مختلف تنظيمن طرفان ڪرايل سروي اهو ثابت ڪيو آهي تہ ملڪ جي ۹۷% آبادي گهٽ ۾ گهٽ ڄم روڪ جي هڪ طريقي ڪان ڄاڻو ضرور آهي. تنهن هوندي بہ فيملي پلاننگ جي طريقن تي عمل جي شرح ۳۹% آهي. عورتن جي هڪ وڏي اڪثريت ۳۹% ٽئين ٻار جي ڄم ڪان پوءِ وڌيڪ ٻارن ڄڻڻ جي خواهشمند ناهي. ڄاڻ ۽ عمل ڪرڻ ۾ هن وٿي جا سبب نامناسب خدمتون، معاشرتي ۽ ثقافتي رڪاوٽون ۽ پٽ جي ڄمڻ جي تمنا وغيره شامل آهن. انهن ئي سبب جي ڪري غير گهربل حمل ٿين ٿا.

اسان وٽ ٻهراڙين ۾ ڄاڻ پهچائڻ جو ذريعو ريڊيو ئي آهي. پاڪستان ۾ ۵۵% ماڻهو ريڊيو ٻڌن ٿا ۽ ۵۰% ماڻهو ٽي وي ڏسن ٿا. ٻهراڙين جي غريب عوام وٽ ريڊيو ضرور آهي. ان لاءِ ريڊيو تي فيملي پلاننگ بابت صرف اشتهار نہ پر ڄاڻ پريا پروگرام ترتيب ڏنا وڃن، جيڪي دلچسپين سان بہ ڀرپور هجڻ ڪپن.

هن وقت اسان وٽ تعليم جي حد وڏن جي ڪري آبادي ۾ گهٽتائي رونما ٿيڻ شروع ٿي آهي، جنهن جو سبب ڄاڻ جو ملڻ ۽ فيلڊ ورڪرز آهن. هن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ عام ذريعن وسيلي جيڪڏهن معلومات ڪي عوام تائين پهچايو وڃي تہ ان جا سٺا نتيجا نڪرندا.اسان وٽ بدقسمتي سان پراجيڪٽ صرف فائلن تائين محدود رهن ٿا. انهن جا فنڊس بہ فائلن ڪان ٻاهر ڪونہ نڪري سگهندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن بہ ڪم ڪي سيريس ونجي تہ ان جا سٺا نتيجا نڪرندا آهن. پاڪستان ۾هڪ اندازي موجب اخبارن ۽ رسالن جو ڪل تعداد ۲۵۲۸ آهي، جنهن ۾ ۲۷۱ روزانيون اخبارون آهن. پاڪستان ۾ ۵۰% ماڻهو ٽي وي ڏسن ٿا، ۵۵% ماڻهو ريڊيو ٻڌن ٿا، جڏهن تہ ۳۴% اخبارون پڙهن ٿا. هاڻي هن مان اندازو لڳائجي تہ اٽڪل ٦ ڪروڙ ۵۳ لک ماڻهو ٽيليويزن ڏسن ٿا. ۷ ڪروڙ ۱۸ لک ۱۵ هزار ماڻهو ريڊيو ٻڌن ٿا ۽ ۴ ڪروڙ ۴۴ لک ماڻهو اخبارون پڙهن ٿا.

حڪومت هاءِ اسڪولن جي نصاب ۾ آبادي جي تعليم ڪي مضمون طور رکيو آهي، جنهن جي لاءِ استادن ڪي باقاعدي تربيت ڏني وڃي ٿي. هن مان اسان ڪي لاڀ ڪجهہ دير سان ملندو. جو تہ اسان وٽ فيصلا وڏن جي هٿ ۾ هوندا آهن، جيڪو ڪجهہ اهي چاهيندا آهن اهوئي ٿيندو آهي، پر پوءِ بہ اسين اميد ڪري سگهون ٿا. عوام تائين ڄاڻ پهچائڻ ۾ تعليم واري وزارت، آبادي جي پلائي واري وزارت، صحت واري وزارت ۽ غير سرڪاري تنظيمون آبادي جي پلائي لاءِ سرگرم عمل آهن.

مردن جو تناسب آهي ۽ حيران ڪندڙ ڳالهہ اها آهي تہ اڌ آبادي جو انگ رکندڙ عورتن کي ترقي جي سرگرمين ۾ شامل نٿو ڪيو وڃي. اسلام ۾ عورتن جا برابري جا حق آهن ۽ پاڪستان جو آئين بہ هن ڳالهہ جي ضمانت ڏئي ٿو. هن مان ظاهر آهي تہ عورتن کي بہ مردن جي برابر سهوليتون ملڻ گهرجن. مگر اسان عورتن کي آئين جي موجب منصفاڻا ۽ برابري وارا حق ڏيڻ ۾ ناڪام رهيا آهيون.

هڪ سروي موجب پاڪستان ۾ ٣٩% عورتون ٽيون ٻار ڄڻڻ کانپوءِ وڌيڪ ٻار پيدا ڪرڻ جي حق ۾ ناهن، پر ڳورهاري صحت جي سهوليتن جي اڻاٺ سبب بار بار ڄمر جي مرحلن مان گذرڻ تي مجبور ٿو ڪري جنهن ڪري پاڪستان ۾ ويم دوران موتن جو انگ ساليانو ٢٨ هزار آهي ۽ ويم جو تناسب ٥٠ سيڪڙو آهي. ترقي ڪيل ملڪن جي ڀيٽ۾ ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ ڄمر ۽ ويم جي موتن جو تناسب وڌيڪ آهي، جيڪو هر هڪ لک تي ٣٤ ٿئي ٿو. هنن موتن جا سبب اسان ڀهريان بہ بيان ڪري چڪا آهيون تہ تعليم جو نہ هجڻ، معاشي سبب، غير تربيت يافتہ دايون، اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جي لاپرواهي ۽ صحت جون ڀيون سهوليتون، صفائي ۽ کاڌ خوراڪ جو صحيح نہ ملڻ ئي انهن موتن کي مريض ڏانهن آڻي ٿو.

اسان جڏهن عورتن جي تعليمي حيثيت تي نظر وجهنداسين تہ پاڪستان ۾ ڇوڪرين جا تعليمي ادارا ڇوڪرن جي تعليمي ادارن جي ڀيٽ ۾ ٣٠ سيڪڙو گهٽ آهن، ڇوڪرين کي اسان وٽ بوجهہ تصور ڪيو ٿو وڃي ۽ انهن مان گهڻائي کي مناسب کاڌ خوراڪ، صحت ۽ تعليم جي سهولتن کان محروم رکيو ٿو وڃي. عالمي طور تي اها حقيقت مڃيل آهي تہ ماءُ ڪٽنب جي سربراهہ آهي ۽ ٻارن جي تعليم ۽ پرورش انهيءَ جي ذمي آهي. هڪ تعليم ورتل ماءُ ئي پنهنجي ٻار جي بهترين طور تي پرورش ڪري سگهي ٿي. هيءَ بہ حقيقت آهي تہ هڪ پڙهيل لکيل ماءُ آبادي ۽ وسيلن ۾ برابري رکڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ثابت ٿئي ٿي ۽ ڪٽنب جي زندگي جي معيار کي بهتر کان بهتر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

هڪ اندازو آهي تہ هن صدي جي شروع ٽيڻ سان اسڪول نہ ويندڙ ٻارن جو تعداد ١٨ کان ٢٠ ملين ٿي ويو آهي. جن ۾ گهڻائي ڇوڪرين جي آهي. هيءَ تہ هو هڪ تعليمي اندازو. پر جڏهن اسين عورت جي معاشي حيثيت تي نظر ڦيرائينداسين تہ خبر پوي ٿي تہ ليبر فورس ۾ عورتن جي شموليت٢۴ سيڪڙو آهي، جڏهن تہ زرعي مزدوري يعني هارپي ۾ عورتن جي اڪثريت اڌ کان بہ وڌيڪ آهي. جيڪڏهن انهن جي معاشي شموليت نظر نٿي اچي يا نظرانداز ڪئي ٿي وڃي. جڏهن بہ ڏسبو تہ مصيبت بہ عورت تي ايندي آهي. هڪ سروي موجب جنگن، سوڪهڙي ۽ ٻين قدرتي آفتن ۾ عورتون مردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ متاثرٿين ٿيون.

## نئين نهي ۽ آبادي

١٢ آڪٽوبر١٩٩٩ع تي دنيا جي آبادي ٦ ارب ٿي وئي آهي. هر سال ٧٨ ملين فردن جي آبادي جو واڌارو ٿئي ٿو. آبادي ۾ هي واڌارو ٩٥% پٺتي پيل ملڪن ۾ ٿئي ٿو، جتي هر نئين ايندڙ ٻار لاءِ مستقبل جي ڪابہ ضمانت ناهي. دنيا جي ٦ ارب فردن ۾ هڪ ارب فردن جو تعداد ٢٠ سالن کان گهٽ عمر وارن جو آهي. هن کان ڀهريان دنيا ۾ ڪڏهن بہ ايتري وڏي انگ ۾ نوجوانن ۽ نابالغ فردن جي آبادي ڏسڻ ۾ ناهي آئي. هي نئون نسل هاڻي پنهنجي ويم واري عمر جي دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي. نوجوانن جو ايڏو وڏو انگ هن امر جي طرف نشاندگي ڪري ٿو تہ س٢٠٥٠ع تائين آبادي ۾ واڌاري جي رفتار وڌندي. تنهن ڪري هن ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ انهن نوجوانن تائين رابطو ڪري، ويم واري صحت جي سهولتن تائين انهن جي پهچ ڪي، انهن جي معاشرتي ۽ ثقافتي نقطي نظر جي روشني ۾ ممڪن بڻايو وڃي. اڄ جي نوجوانن کي تعليم ۽ روزگارجا موقعا مهيا ڪري، اسين پنهنجي نوجوان نسل کي ننڍو ڪٽنب رکڻ تي آماده ڪري سگهون ٿا.

هڪ سروي رپورٽ موجب دنيا جي اڌ کان وڌيڪ آبادي نوجوانن ۽ نابالغ فردن تي ٻڌل آهي. ترقي ڪندڙن ملڪن ۾ نوجوانن ۽ نابالغن جي انگ اڪرن ۾ روزانو واڌارو ٿي رهيو آهي. پاڪستان ۾ ١٥ سال کان گهٽ عمر وارن فردن جي آبادي، سڄي آبادي جو ۴٣% آهي. پاڪستان ۾ نوجوانن جي آبادي نہ صرف بي روزگاري جو شڪار آهي، بلڪہ پنهنجي خاندان تي گذارو ڪري رهي آهي، ائين خاندان جي هڪ فرد کي انن ياتين جو بوجهہ کڻڻو پوي ٿو. پاڪستان ۾ گڏيل موثر ماڻهن جي طاقت جو انگ ٢٨% آهي. پاڪستان ۾ شادي جي عمر قانون موجب عورتن ۾ ١٦ سال آهي، جڏهن تہ مردن ۾ ١٨ سال آهي، پر اسان وٽ ان کان گهٽ عمر ۾ بہ شاديون ٿي رهيون آهن. پاڪستان جي آبادي ۾ هر سال ٣٠ لکن کان وڌيڪ فردن جو واڌارو ٿي رهيو آهي. نوجوانن جي اڪثريت اڻپڙهيل ڇوڪرين ۽ عورتن تي ٻڌل آهي. نوجوانن جي بي روزگاري

> **شهري آبادي وڌندي وڌندي صنعتي علائقن تائين پهچي وئي آهي. ۽ ماڻهن لاءِ صحت جا مسئلا وڌي رهيا آهن. پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ماحولياتي گدلاڻ کي وڌائي رهيون آهن ۽ هر طرف پکڙيل نظر اچي رهيون آهن. ڪجهہ وقت اڳ حڪومت پاران ٿيلهين تي پابندي لڳائي وئي هئي، پر ان تي عمل ٢ سيڪڙو آبادي مس ڪري رهي آهي.**

نشاندگي ڪن ٿيون تہ پائيدار ترقي جي منزل تي پهچڻ لاءِ عورتن جو بااختيار هجڻ، وسيلن جو موثر استعمال، موثر فيملي پلاننگ ۽ ننڍي ڪٽنب جي فروغ جهڙا قدم ڪٿا لازمي آهن. پاڪستان جي آبادي ۾ هر سال ٣٠ لک فردن جو واڌارو ٿي رهيو آهي. ايندڙ ٣٠ سالن ۾ پاڪستان جي آبادي ٻيڻي ٿي ويندي. عورتن جي پورهاري واري نسبت ١٥.٠١ ڪان وڌيڪ آهي. اٽيڙهيلن جي شرح گهٽ ۾ گهٽ ٣٣ سيڪڙو آهي. آبادي جي وڌڻ جي رفتار ۾ گهٽتائي، ويم واري صحت جي خدمتن ۾ اضافو، عورتن جي تعليم ۾ اضافو ۽ غربت جي خاتمي جهڙا عمل پائيدار ترقي لاءِ بنيادي قدم آهن.جيڪي لازمي طور تي ڪٿا پوندا.

## غير سرڪاري ادارا ۽ آبادي

آزادي کان هڪدم پوءِ غير سرڪاري تنظيمن تعليم ۽ سماجي ڀلائي جي ڪم جو آغاز ڪري ڇڏيو هيو. ١٩٥٠ع جي ڍاڪي ۾ هڪ غير سرڪاري تنظيم آبادي جي ڀلائي جو ڪم شروع ڪيو.١٩٨٠ع کا پوءِ غير سرڪاري تنظيمن گهڻو منظم ٿي ڪري آبادي جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. معاشرتي ترقي جي پروگرامن جي تڪميل لاءِ انهن تنظيمن کي حڪومت ۽ ٻين مالياتي ادارن جو تعاون حاصل ٿيو آهي.

حڪومت پاڪستان انهن غير سرڪاري تنظيمن سان خانداني منصوبہ بندي ۽ ويم واري صحت جي پروگرامن ۾ تعاون جي لاءِ ڪوشان آهي. هن مقصد جي لاءِ وزارت بهبودآبادي ۽ نيشنل ٽرسٽ فار پاپوليشن ويلفيئر NATPOW سرگرم عمل آهن. غير سرڪاري تنظيمن جي تعاون جو هڪ زنده مثال حڪومت ۽ انهن ادارن جو ملي ڪري آبادي جي ڀلائي جي هدف کي پورو ڪرڻ جي ذميواري ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار آهي. غير سرڪاري تنظيمن جي پيش قدمي، ماهرانہ صلاحيت ۽ پنهنجي محدود دائري ڪار جي بنا تي جديد طريقن سان ڪم ڪرڻ جي اهليت رکن ٿيون. ان جي لاءِ اهي تقليد جي لاءِ ماڊل پيش ڪن ٿيون. پاڪستان ۾ غير سرڪاري تنظيمن آبادي جي ڀلائي جي پروگرامن جي فروغ جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪميونٽي جي ترقي لاءِ انهن جو ڪردار خاص اهميت وارو آهي.

پاڪستان ۾ ٥٠٠ کان وڌيڪ غير سرڪاري تنظيمون ويم واري صحت جي پروگرامن ۾ شريڪ ڪار آهن. انهن کان سواءِ ڪيترين ئي تنظيمون جنسي بيمارين ۽ ايڊز جي خاتمي لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. انهن ادارن جي خدمتن کي ساراهيندي حڪومت پاڪستان NATPOW جي وسيلي وڌيڪ سن ٢٠٠٠ تائين ٧٠٠ غير سرڪاري تنظيمن کي شريڪ سفر بڻائڻ جو منصوبو ٺاهيو هيو.

هڪ رپورٽ موجب پاڪستان ۾ ٥ هزار کان وڌيڪ وڌيون غير سرڪاري تنظيون ۽ علائقائي سطح تي سماجي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. ملڪ ۾ غير سرڪاري تنظيمون حڪومت جي آبادي جي ڀلائي جي سلسلي ۾ مقرر ڪيل حدف جو ٢٠٪ پورو ڪري رهيون آهن. آبادي ۽ ترقي جي عالمي ڪانفرنس ICPD ۾ ٤٠٠٠ اين جي اوز شرڪت ڪئي هئي. ملڪ ۾ فيملي پلاننگ بابت ڄاڻ جي شرح ٩٠٪ سالينو کان وڌيڪ آهي. هن ۾ غير سرڪاري تنظيمن جو وڏو هٿ آهي. پاڪستان ۾ بهبود آبادي جي پروگرام جي ابتدا هڪ غير سرڪاري تنظيم ڪئي هئي.

## آبادي ۾ واڌارو ۽ ايڊز

حڪومت پاڪستان ايڊز جي مرض جي خطرن کان پوري طرح آگاه آهي. ١٩٨٦ع ۾ ايڊز جي پهرين مريض جي نشاندگي کان پوءِ هن بيماري کان تحفظ ۽ روڪٿام جي لاءِ مختلف قدم کنيا ويا آهن. هن وقت کان وٺي ڪري ٣٠ جون ١٩٩٨ع تائين HIV جا ١٣٢٧ ۽ ايڊز جا ١٥٤ ڪيس درج ٿيا آهن. جڏهن تہ نيشنل ايڊز پروگرام جي تحت ايڊز جا ٢.٠٢٩ ملين ڪيس ٽيسٽ ٿيا آهن. هن تجربي کان پوءِ HIV جي متاثر ٿيلن جو تعداد سڄي ملڪ ۾ ٥٠ کان ٨٠ هزار ٿي سگهي ٿو.

آبادي جي ڀلائي واري وزارت صحت جي ڪارڪنن کي جنسي مرض ۽ آر آءِ ٽي جي باري ۾ خاص تربيت ڏني رهي آهي.جيئن اهي پنهنجي مريضن کي هن جي باري ۾ مطلع ڪري سگهن ۽ ضروري مدد ڪري سگهن. صحت جي خدمتن ۾ جديد سهولتن ۽ آبادي ۽ ترقي جي ڪانفرنس جي حڪمتن کي عملي جامو پهرائڻ جي خاطر جنسي مرضن، ايڊز، ايچ آءِ وي ۽ آر ٽي آءِ کي ويم واري صحت جي مڪمل خدمتن جو حصو بڻايو ويو آهي.

ايڊز ۽ ان بابت ٻين بيمارين جي باري ۾ ڄاڻ ڦهلائڻ جي لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي واضح ڪئي وئي آهي. ان جي تحت صحت سماءُ ذريعي، ضلعي رابطن جي هيٺ ۽ بااثر فردن کي ايڊز جي تعليم بابت سڏايل ١٠١ ضلعي اجلاس جي ذريعي ڄاڻ ڏني وئي. ايڊز بابت ڄاڻ جي هن تحريڪ جي نتيجي ۾ هن جي باري ۾ معلومات جيڪا ٩٢-١٩٩١ ۾ ٻڙي جي برابري هئي هاڻي ٩٦ سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. ايڊز کان متاثر ماڻهن جي نشاندگي،حفاظتي تدبيرن، ملڪ ڀر ۾ ايڊز جي خلاف تحفظ ۽ تشخيص جي ٣٩ مرڪزن جو قيام ۽ ايڊز کان متاثر ٿيڻ وارن فردن بابت تحقيق جهڙن سرگرمين جو آغاز ٿي چڪو آهي. رت جو عطيو ڏيڻ کان پهريان رت جي ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ پاليسي واضح ڪئي وئي آهي. جيئن خون جي وسيلي منتقل ٿيڻ واريون بيماريون، ايڊز، جگر جون بيماريون مليريا ۽ ٻين وچڙندڙ بيمارين جي روڪ ٿام ٿي سگهي. انهن قدمن ۾ قانوني بل جي تياري بہ شامل آهي، جنهن جي تحت سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطح تي رت جي منتقلي کان پهريان هن جي ٽيسٽ کي قانوني پابندي جي تحت لازمي ڪرائڻ شامل آهي ۽ خون جي منتقلي جي واضح ڪيل معيار جي پابندي ۽ خون جي محفوظ منتقلي بابت تربيت فراهم ڪرڻ بہ شامل آهي. ايڊز کان تحفظ جي لاءِ قومي پروگرام کي

اقوام متحده جو ايڊز پروگرام، عالمي صحت جو ادارو، JICA ۽ NORD جهڙا عالمي ادارا تعاون ڪري رهيا آهن.

## شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ

آبادي ۾ گهٽتائي سان گڏ آمدني ۾ گهٽتائي ۽ غربت جي واڌاري ماڻهن کي اهڙي جڳهه تي لڏ پلاڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي جتي ڪين بهترين روزگار جا موقعا، معاشي مسئلن جو خاتمو ۽ تعليم جي سهولت، صحت جي سهولت بهترين معاشرتي ۽ تمدني ماحول ۽ بهترين رهائش ميسر هجي. وڌندڙ آباديءَ شهري آبادي ۾ به تيز تر اضافو ڪيو آهي. هن واڌاري شهرن ۾ رهائش، تعليم، صحت، ٽرانسپورٽ، صاف پاڻي، پاڻي جو نيڪال ۽ ماحول جي گدلاڻ جهڙا مسئلا پيدا ڪيا آهن. اهڙي طرح شهري آبادي ۾ واڌاري سان گڏ روزگار جو بحران، قيمتن ۾ واڌارو ۽ ڪچي آبادين جي تعداد ۾ به واڌارو ٿيو آهي. اڄ ملڪ جي آبادي ۾ ساليانو واڌارو ٢٠٣ سيڪڙو آهي جڏهن ته شهري آبادي ۾ واڌارو ۴ سيڪڙو ساليانو آهي. هن جي ڪري ملڪي سرمائي جي هڪ وڏي رقم شهرن جي ترقي ۽ ٻين ضرورتن جي پورائي ۽ سهولتن جي فراهمي تي خرچ ٿي رهي آهي.

١٩٨١ع ۾ شهري آبادي جي شرح ٢٨٠٣ سيڪڙو هئي، جيڪا ١٩٩٨ع ۾ وڌي ڪري ٣٢٠۴ سيڪڙو تي وئي هئي. پاڪستان ۾ هر ٽيون فرد ڪنهن وڏي شهر يا وڏي ڳوٺ جو رهاڪو آهي. اڄ ملڪ ۾ ٢٣ وڏا شهر آهن، جن جي گڏيل آبادي ٢ ڪروڙ کان وڌيڪ آهي. ملڪ جي ٥٠ سيڪڙو آبادي هڪ ڪمري جي گهرن ۾ رهي ٿي. گهر ۾ تقريباً ٧ فرد رهن ٿا. ٧٦% گهرن ۾ غسل خانا ناهن ۽ ٦٠% کان وڌيڪ ماڻهن کي پاڻي جي نيڪال جي سهولت ناهي. ڪراچي پاڪستان جو سڀ کان وڏو شهر آهي. جنهن جي آبادي ٩٢ لک آهي. شهري آبادي ۾ واڌاري سان پوکائي جي قابل زمين ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي. دنيا ۾ ١٢ ڪروڙ فرد پنهنجي اباڻي وطن کان پري مهاجراڻي زندگي بسر ڪري رهيا آهن. ڪجهه سالن کانپوءِ اڌ آبادي شهرن ۾ رهائش پذير هوندي. دنيا جي ٦٠ سيڪڙو آبادي سمنڊ جي ويجهو يا ساحل کان ١٠٠ ميلن جي مفاصلي جي اندر رهائشي آهي. دنياجا پنجويهه وڏا شهر ساموندي ڪنارن تي واقع آهن.

> **ملڪ جي ٥٠ سيڪڙو آبادي هڪ ڪمري جي گهرن ۾ رهي ٿي. گهر ۾ تقريباً ٧ فرد رهن ٿا. ٧٦% گهرن ۾ غسل خانا ناهن ۽ ٦٠% کان وڌيڪ ماڻهن کي پاڻي جي نيڪال جي سهولت ناهي.**

## آبادي جي پلاننگ لاءِ مالي وسيلا

ويم واري صحت جي خدمتن جي فراهمي لاءِ گهڻي سرمايي جي ضرورت ٿيندي آهي. خانداني منصوبابندي ۽ ويم واري صحت جي سرگرمين ۾ هزارين ڊاڪٽر، معاشرتي ماهر، سٺ سماءِ جا ماهر ۽ فيلڊ ورڪرس گهربل هوندا آهن. ١٩٩۴ع جي ICPD ڪانفرنس ۾ طئه ٿيو هيو ته ترقي ڪندڙ ملڪ، ويم واري صحت جي خدمتن جي مد ۾ قومي خام پيداوار جو ڪجهه حصو مخصوص ڪن. جيڪا رقم ٧٠٥ ملين آمريڪي ڊالر ٿئي ٿي. گڏيل قومن جو آبادي جي پلاننگ لاءِ فنڊز جو ادارو خصوصي طور تي نظر رکيو اچي ٿو ته ترقي ڪيل ملڪ به پنهنجي وعدي جي مطابق رقم ادا ڪن ته جيئن ويم واري صحت جا پروگرام بغير ڪنهن رڪاوٽ جي هلندا رهن.

حڪومت پاڪستان آبادي جي پلاننگ جي پروگرامن تي گهڻي رقم خرچ ڪري رهي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ٻيا عالمي ادارا UNFPA، DFID، عالمي بئنڪ AUSAID ۽ ايشين ترقياتي بئنڪ وغيره به مختلف معاهدن جي هيٺ حڪومت پاڪستان کي فني ۽ مالي امداد فراهم ڪري رهي آهي. ان ڪانسواءِ سوشل مارڪيٽنگ پاڪستان ۽ ڪي سوشل مارڪيٽنگ به آبادي جي پلاننگ جي سرگرمين تي ڪم ڪرڻ وارا ادارا آهن. تنهن هوندي به ترقي ڪيل ملڪن جي پاران هن شعبي ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو باقي آهي. جيڪو انهن ICPD هيٺ قبول ڪيو آهي. ذاتي طور تي به پاڪستان ۾ ويم واري صحت جي چيلنج کي قبول ڪندي ڪم جي ابتدا ڪئي وئي آهي. وقت جي اهم ضرورت آهي ته حڪومت پاڪستان سان گڏوگڏ ٻيا پرائيويٽ ادارا به سهڪار ڪن ته جيئن صحت جون خدمتون هر ان فرد تائين پهچي سگهن جيڪو ان جو خواهشمند آهي.

اڄ پاڪستان ۾ به گهڻائي ماڻهو ويم واري صحت جي خدمتن مان فائدو وٺڻ چاهن ٿا، پر خدمتن جي اڻهوند آبادي جي هڪ وڏي حصي کي انهن جي هن گهرج کان محروم رکيو پئي اچي. حڪومت پاڪستان جا ڪيترائي منصوبا، آبادي جي پلاننگ تي غير ملڪي ادارن، پبلڪ ۽ پرائيويٽ شعبن ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي محور تي هلي رهيا آهن.


حوالا:

(١) اضافه آبادي اور قومي ترقي (تعليم آباديات سيل، وزارت تعليم حڪومت پاڪستان).

(٢) Pakistan Fartility & Family Planning Survey, 1998 NIPS

(٣) State of the Word Popula-tion 1999 UNFPA

(۴) قومي مردم شماري 1998ع

(۵) Fertility & Family Planning Surey, 1998 NIPS

(٦) State of the Word Children 1999 UNICEF

(٧) آبادي اور ماحوليات (شعبه علم آباديات، وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان)

(٨) ICPD Plan of Action

(٩) UNFPA Report of Population

(١٠) National AIDS Programme

# A SILENT SCANDAL

# خاموشيءَ جي سازش


ايلزبيٿ ريڊ
ترجمو: اسلم خواجه


**انساني فطرت ۾ غلطي ڪرڻ جي ڪمزوري، اها صورتحال پيدا ٿي ڪري جنهن ڪي خاموشيءَ جي سازش سڏيو ويندو آهي.**

### تعارف

ايلزبيٿ ريڊ، گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (UNDP) نيويارڪ ۾ ايچ آءِ وي ۽ ترقياتي پروگرام جي ڊائريڪٽر آهي. ان اداري ۾ نوڪريءَ کان اڳ هُن آسٽريليا واسطي ايچ آءِ وي/ايڊز قومي پاليسي جوڙي. ڪيس ايشيا، بحرالڪاهل جي ملڪن، وچ اوير ۽ آفريڪا ۾ ترقياتي سهائتا مهيا ڪرڻ جو وسيع تجربو آهي.

ايچ آءِ وي جي وبا پنهنجي اندر ۾ تباهي ۽ درمان ٻنهي جي سگهه رکي ٿي. انهن مان جيڪا به سگهه ڇانئجي وئي ته ان سان اسان ڪي پنهنجي ذاتي ۽ معاشري جي صلاحيتن جو ڪاٿو ٿيندو. ان بيماريءَ ۾ زال مڙس ڪي هڪ ٻئي کان ڌار ڪرڻ جي صلاحيت آهي، اها مائٽن ۽ ٻارن کي ڌار ڪري ڇڏيندي آهي. اها هڪ فرد کي ٻئي خلاف ڪريو ڇڏي، هڪٻئي کان لاتعلق ڪري ڇڏيو ۽ بيعزتي ۽ غيرانساني روين کي هٿي ڏئي ٿي. اها غربت جي شدت کي وڌائيندي ۽ شاهوڪارن کي غريب ڪندي آهي، اها سگهارين ۽ ڪمزور قومن ۽ فردن کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ٿي. هاڻ جيئن جيئن ان وبا جي اصل صورتحال سامهون پئي اچي، متاثر ٿيل ڪٽنبن ۽ آبادين ۾ ان جي تباهي جا اثر ظاهر ٿي رهيا آهن. ان بابت مختلف رد عمل سامهون ٿا اچن، ڪٿي ان جي موجودگيءَ کان انڪار ڪيو ٿو وڃي ته ڪٿي وري ڪن ٿار ٿي ڪجي. ان وبا بابت ذاتي ڄاڻ، ان جي اثرن ۽ ذاتي تجربي ۽ آئيندي بابت پوائٽي تاثر سبب ڳڻتي ۽ ان جي تڪڙي ازالي جو احساس پئدا ٿيو آهي.

انساني فطرت ۾ غلطي ڪرڻ جي جيڪا ڪمزوري موجود آهي، تنهنڪري اها صورتحال پئدا ٿي پوندي آهي، جنهن کي 'خاموشيءَ جي سازش' سڏيو ويو آهي. احساسن ۽ خدشن تي ڍيان نٿو ڏريو وڃي. اسان جا پيارا بيمار ٿيو پون ۽ اسين خاموش ٿا رهون. مستقبل جو خيال ڪرڻ بنا ٻار پئدا پيا ٿين. انهيءَ پيڙا ڀري صورتحال ۾، زالون ۽ مڙس هڪٻئي لاءِ اوپرا بڻجيو وڃن. ڪٽنب هڪٻئي سان پنهنجا ڏک نٿا ونڊين، ٻار هڪ اٽڃاتل ڊپ جو شڪار ٿا ٿين. جڏهن ماڻهو اهڙي خاموشيءَ جي گهيري ۾ هجن ته جنسي آڌما، هڪ سانت ناتڪ، جي شڪ ۾ پنهنجو اظهار ڪن ٿا. مائٽ پنهنجي ٻارن سان ڳالهيون سلڻ نٿا چاهين. ساٿي ڪم جي مستقبل بابت ڳالهه ٻولهه نٿا ڪن.

سياسي اڳواڻن کي ڳالهائڻ جو حوصلو نٿو ٿئي. ان وبا جو تباهيءَ ڀريون طاقتون اهڙي ئي رازداريءَ سان وڌن ويجهن ٿيون ۽ "عوامي پاليسيون جيڪي ڊپ، لڄ، ڏوهه جي احساس ۽ رازداري کي هٿي ڏين ٿيون، وبا جو ساٿي بڻجيو وڃن."

جڏهن وائرس ڪنهن معاشري يا ڪٽنب ۾ داخل ٿئي ٿو ته هڪ شڪست نه اچي سگهندڙ صورتحال جنم وٺندي آهي. روزانو ڇهه هزار يا ان کان به وڌيڪ ماڻهو بيماريءَ جو شڪار ٿا ٿين. پيار ۽ مزي سبب  ڪين احساس ئي نٿو ٿئي ته ڪا اوچي تبديلي اچي چڪي آهي. زندگي هٿن مان نڪري ٿي وڃي ۽ اهي ماڻهو وائرس ٻين تائين پکيڙيندا ٿا وتن، جن ۾ سندن ڪٽنب جا ڀاتي به شامل هوندا آهن. ان ريت بالغ فردن جي موت جو سبب بڻجندڙ جنگين جي اُبتڙ هن صورتحال جا سڄي ڪٽنب تي اثر پون ٿا. ٻئي زال مڙس ۽ هڪ يا وڌيڪ ننڍا ٻار انفڪيشن جو شڪار ٿين ٿا. هو ڪنهن شڪ کان سواءِ حياتي گهاريندا ٿا رهن، تان جو منجهائڻ هڪ جيڪو اڪثر ٻار هوندو آهي، بيمار ٿيو پوي. پيڙا جي شروعات اُن مهل ٿيندي آهي جڏهن ايچ آءِ وي يا ايڊز جي تشخيص ٿئي ٿي.

ان وبا جي ٻن جذباتي صدمن مان هڪ پيڙا آهي. پاڻ- تذليل، ڏک ۽ تڪليف ختم نه ٿيندڙ آزار آهن. ڇا آءٌ به بيمار

**جڏهن وائرس ڪنهن معاشري يا ڪٽنب ۾ داخل ٿئي ٿو ته هڪ شڪست نه اچي سگهندڙ صورتحال جنم وٺندي آهي. روزانو ڇهه هزار يا ان کان به وڌيڪ ماڻهو بيماريءَ جو شڪار ٿا ٿين. پيار ۽ مزي سبب ڪين احساس ئي نٿو ٿئي ته ڪا اوچي تبديلي اچي چڪي آهي. زندگي هٿن مان نڪري ٿي وڃي ۽ اهي ماڻهو وائرس ٻين تائين پکيڙيندا ٿا وتن، جن ۾ سندن ڪٽنب جا ڀاتي به شامل هوندا آهن.**

آهيان؟ ڇا مري ويندس؟ ڇا منهنجا ماءُ پيءُ مرڻ کنديءَ تي آهن؟ ڇا مون تي ڏوهه مڙهيو ويندو؟ هربرٽ ڊينيل لکي ٿو: "ان وبا جو پهريون وار شديد اخلاقي پيڙا جو تجربو ٿئي ٿو."

آسرندڙ ملڪن ۾ ماڻهن کي انفڪيشن جو شڪار ٿيڻ بابت پتو ٿي اوڏي مهل ٿو لڳي جڏهن هو بيماريءَ جي پڇاڙڪي مرحلي تي رسي چڪا هوندا آهن. تڏهن وقت ئي نه هوندو آهي جو شين کي سهيڙي سگهجي، خدا ۽ پنهنجي پيارن سان سلامتيءَ واري صورت پيدا ڪري سگهجي، پنهنجي ٻارن ۽ ساٿين تائين ڄاڻ ۽ هُنر پهچائي سگهجي يا متاثر ٿيلن جي آئيندي لاءِ ڪا رٿابندي جوڙي سگهجي. وائرس سميت جيئرو رهڻ سکڻ لاءِ مُهلت ئي نٿي ملي.

اهو ڄاڻي ته سندس ماءُ پيءُ بيمار آهن، ٻار پاڻ کي ڊنل ۽ غير محفوظ محسوس ڪن ٿا. سندن ڇا ٿيندو؟ موت ڪانئڻ هڪ اهڙو فرد کسيو وڃي جنهن سان هو محبت ڪن ٿا. پوءِ ڀيو ۽ پوءِ ٿيون. ماءُ پيءُ جي بيماري ڪين اهڙي پيڙا جو ڪاڄ تي بڻائي جو هو جيئڻ جي سَتَ وڃايو ويهن. هو پيڙا سميت جيئرو رهي نٿا سگهن. ماءُ پيءُ جي موت سبب، ٻار اڪثر ڳڙجي رهڻ ۽ ٻچي پوڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪو سندن سارسنڀال ۽ مدد نه ڪري ته مايوس ٿي ويندا آهن. بازارن ۾ وارداتون ڪرڻ شروع ڪندا آهن. ڦرلٽ ۽ جنسي بي ضابطگين ۾ ڦاسي پوندا آهن.

دنيا ۾ اهڙن علائقن جو ڳاڻيٽو وڌندو پيو وڃي، جتي اهو ڀاڳ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ نه پر انيڪ ڪٽنبن جي تقدير پيو بڻجي ۽ ڪجهه علائقن ۾ ته ڇهن مان هڪ ڪٽنب جو اِهو حال آهي. جيڪڏهن اهو ناقابل برداشت مرض ان ريت پکڙبو رهيو ته، قومن جي زندگيءَ کي ئي خطرو لاحق ٿي ويندو.

پر ان وبا جي مرڪز ۾ ئي، ڇٽائڻ جي سگهه به موجود آهي. اميد جي روشني، ٽهڪ جو آواز ۽ پيار جو پڙلاءُ به موجود آهي. اهو ٻيو جذباتي پاسو آهي. پيغمبراڻي اهميت جو اهڃاڻ. ان ۾ صلاحيت آهي ته اها ماڻهن جي بهترين صلاحيتن کي سامهون آڻي. اها انساني فطرت ۽ ناتن بابت گهري نظر پيدا ڪري ٿي. ان وبا کي سمجهڻ ۽ ان بابت رد عمل ظاهر ڪرڻ لاءِ اسان کي روزمره زندگي ۽ انساني فطرت جون سموريون پيچيدگيون، تضاد ۽ انساني ناتن جي اظهارن ۽ تهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

هيءَ وبا ماڻهن کي للڪاري ٿي ته هو پاڻ ۾ ان کان محفوظ رهڻ جي خواهش پيدا ڪن ۽ ٻين کي ائين ڪرڻ تي راضي ڪن. اها تندرست ۽ بيمار ٻنهي قسمن جي ماڻهن ۾ جيئرو رهڻ جي خواهش پيدا ڪري ٿي. "مون کي ايچ آءِ وي آهي ۽ آءٌ جيئرو آهيان." هربرٽ ڊينيل پنهنجي اڄ ۽ سڀاڻي جو آدرياءُ ان ريت ٿو ڪري.

غير روايتي طور تي شايد ماڻهو ان جي قابو ۾ اچي ويا آهن. هو هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه شروع ٿا ڪن، ٻنا هٻڪ جي ڳالهائين ٿا. تنظيمون ۽ گروهه جوڙين ٿا ته جيئن هڪ مختلف زندگي ۽ هڪ مختلف آئيندي جا سپنا ڏسي سگهن. هو سانت ٽوڙڻ جي شروعات ڪن ٿا.

اهڙي وبا جي موجودگيءَ ۾ رهڻ جڻ هڪ للڪار قبولڻ آهي. آهي. نڪ ڊيوڪيمپو ۽ جومار فيلرس چون ٿا، "اسين نااميد ماڻهو ناهيون. اسين بچي ويندڙن واري قوم آهيون جيڪي بربادي ۽ تباهيءَ جو سٽيو گرهه نٿا ٻڌجڻ." اها ئي وصف آهي جيڪا اميد کي مان تي ڏي ۽ ٽهڪ ڏيڻ جي اجازت ٿي ڏي. اها اهڙي صلاحيت آهي جيڪا پيڙا جي زماني ۾ مقابلو ڪرڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي حالتن آهر لهڪائڻ جي سگهه ٿي ڏي.

پر اها ان کان وڌيڪ ڪجهه آهي. اها تبديل ڪرڻ واري سگهه آهي جيڪا تصوير ۾ لڪيل آهي ۽ جيڪا جيئڻ آهي کي جيئڻ هئڻ گهرجي ۾ بدلائڻ جا امڪان پيدا ٿي ڪري. اها سگهه سانت ۽ ڊپ کي مڃڻ کان انڪار يا اڃا ائين چئجي ته سموري انساني رد عمل کي تبديل ڪري هڪ وابستگي ۽ تعلق پيدا ٿي ڪري. سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت، پنهنجي ذات ۽ ٻين لاءِ هڪ وسعت ٿي پيدا ڪري. دنيا ۽ ان جي ٻي انت آئيندي کي وشالتا ٿي بخشي. اها مفلوج ڪندڙ خاموشيءَ کي ڪمزور ٿي ڪري. حقيقت تصور مان جنم وٺندي آهي ۽ تصور پيدا ڪرڻ جي اها پراسرار صلاحيت روح ۾ جنم وٺندي آهي.

ان ڪري انهيءَ وبا جي سمورين پيڙائن جي باوجود جتي به ماڻهو هڪ ٻئي جو خيال ٿا رکن، اميد پيدا ٿئي ٿي. اهڙي ڪٽنب سان پنهنجائپ ۽ پاڙيسريءَ لاءِ ڳُٽي ڊپ جي جاءِ والارين ٿا. جتي هڪ ماڻهو اڳتي وڌي ٻئي جي مدد ڪرڻ ٿو لڳي اتي اميد جا ترورا ٿا پسجن. اها اميد غير حقيقي ناهي، اها مقابلي جي صلاحيت ۽ جيئري رهڻ جي سَتَ جي انڪشاف ۽ ڳوهيل آهي ۽ ان جذبي ۽ قوت سان ٽمٽار آهي، جيڪا جيئرو رهڻ تي هرڪائي ٿي. اِها تصور ڪرڻ جي صلاحيت ۾ ڳوهيل آهي ۽ اها ئي واحد شيءِ آهي جيڪا ماڻهن کي ان نقصان ۽ ختم نه ٿيندڙ پيڙا مان ڪڍي ويندي. "اميد جيون جي عمارت جو بنيادي پٿر آهي."

هن لکڻيءَ جي سڀ کان پرجوش گهر اها آهي ته ان وبا بابت اخلاقي ضابطو جوڙيو وڃي. اهڙا اخلاقي اصول ٺاهيا وڃن جيڪي اسان جي سوچ ۽ رد عمل جي سرواڻي ڪن، پر اهڙي اخلاقيات نه، جيڪا الزام تراشي، ٻين جي اصلاح يا ياڄ سان تعلق رکندڙ هجي.

اڪثر پهريون ردعمل اهو هوندو آهي ته اهڙي مريض کي ڌار ڪيو وڃي. ان ريت کيس سزا ڏني وڃي. اصل ۾ اُن وقت هو پاڻ اُڄ محسوس پيدا ڪندا آهن. هن لکڻيءَ ۾ فرضن سان وابستگي، هڪ ٻئي جو خيال ڪرڻ، متحد ٿيڻ تعلق برادري ۽ مدد جي تصورن کي سامهون آندو ويو آهي. اسان کي روايتي ثقافتي قدرن ۾ "ٽلنگن" جهڙي قدر کي جيئرو رکڻ گهرجي، جيڪا ڪنهن به آباديءَ ۾ تعلق ۽

عورتون محسوس ٿيون ڪن تہ هو پنهنجي ۽ ٻارن جي حفاظت اوستائين نٿيون ڪري سگهن جيستائين مرد ۽ عورت هڪ

> معاشري جي توانائين، خوراڪ، غور فڪر تي صرف ٿيندڙ وقت، صلاح مشوري جي فراهمي ٽرانسپورٽ جي ميسري، محنت، فنڊ ۽ ٻار جن جي سارسنڀال لڏي ٿي وڃي، سميت سمورن وسيلن کي هٿي ملڻ گهرجي. اهي وسيلا لامحدود ناهن پر ان وبا هٿان ختم پيا ٿين.

ٻئي جي احترام ۽ اعتبار جي بنياد تي ناتا نٿا جوڙين ۽ جيستائين هو آداسي ۽ پيڙا، سارسنڀال ۽ صلاح مشوري جو بار پاڻ ۾ نٿا ورهائين، ان وبا تي قابو پائڻ ممڪن ناهي.

بيماريءَ جي متاثر ٿيلن ۽ انهن ماڻهن وچ ۾ جيڪي اڃا تائين سڌو سنئون متاثر ٿيل ناهن، باهمي انحصار هڪ ٻي صورت آهي. بيمار ۽ سندن ويجها عزيز، سڀ ڪان وڌيڪ اثرائتو ڪم ڪندڙ ۽ تبديليءَ جا نمائندا آهن، جن کي ان وبا اڳتي ڪري چڙيو آهي. هو اسان کي ان حقيقت جون جهلڪيون ٿا ڏيکارين تہ ڪهڙي ريت اهو هاجو انسان کي وڌيڪ بااختيار ٿو بڻائي. سندن طرفان آواز اٿارڻ کان سواءِ ماڻهن کي پتو ئي نٿو لڳي سگهي تہ ڪيتري حد تائين وائرس سندن ڪٽنبن ۽ آبادين ۾ داخل ٿي چڪو آهي ۽ ماڻهن جي زندگين تي ان جا ڪهڙا اثر پئجي رهيا آهن. متاثر ٿيل فرد اسان کي ٻڌائين ٿا تہ هو ڪهڙي ريت انهيءَ وبا سان بي ڊپا ٿي باعزت طريقي سان جيئرا رهي سگهن ٿا. هو ماڻهن کي اهو سمجهڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن تہ وائرس جي انهيءَ دور ۾ هو ڪهڙي ريت جنسي خواهش ۽ جنسي جذبن جو اظهار ڪن. بيمار ماڻهو، جيڪي هاڻ وڏي تعداد ۾ آهن، شايد اهو سگهارو ترين ذريعو آهن، جيڪو قومن وٽ موجود آهي، پر جيڪڏهن ڪين ڳالهائڻ جي صورت ۾ توهين، ڌڪار يا مت ڀيد واري سلوڪ جو نشانو بڻايو ويو ۽ ڪين ٻي واهرو ڇڏيو ويو تہ هو لڪيل ۽ خاموش ٿي رهندا. ان وبا جي آسيب هيٺان هو ۽ اسين

هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ ۾ نٿا اچي سگهون، جيئن هربرٽ ڊينيل چٽن لفظن ۾ چوي ٿو تہ، اسين سمورا انهيءَ وبا کان متاثر ٿيل آهيون، ڀوءِ ڀل سڌي طرح يا اڻسڌي طرح، ڇاڪاڻ جو اسين سڀئي انهيءَ جي اندر پيا رهون.

هڪٻئي تي انحصار جو ٽيون روپ هاڻوڪي ۽ ايندڙ نسل وچ ۾ آهي. سولن لفظن ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هاڻوڪو نسل ايندڙ نسل کي جيون جو تحفو ڏيڻ لاءِ قرضي آهي. ان ڪري جو اسان ان کي تخليق ڪيو آهي. ان هوندي بہ جيئن نورين ڪليبا ڄاڻائي ٿي تہ، ان نسل جا اڪثر مرد ئي آهن، جيڪي ڪيڏي ڪيڏي مهل انتهائي ظالماڻي انداز سان نئين نسل جي ڇوڪرين ۽ نوجوان عورتن کي بيمار ڪري رهيا آهن. اسان کي نئين نسل آڏو هڪ ٻيو قرض بہ چڪائڻو آهي ۽ اهو جيئري رهڻ جوڳي زندگيءَ جي فراهمي آهي. ان واسطي ان نسل جي لڄ ۽ خاموشيءَ کي ڀاسيرو رکڻو پوندو تہ جيئن مائٽ پنهنجي ٻارن کي ڄاڻائي سگهن تہ اها بيماري ڪيئن لڳندي ڪيئن وڃڙندڙ آهي. ڪين هر ممڪن مدد ڏيڻ گهرجي جنهن وسيلي هو وڏ کان وڏ عرصو جيئرو رهي سگهن، پنهنجي ٻارن جي پالنا ڪري سگهن ۽ ڪانئن پنهنجي سارسنڀال ڪرائي سگهن. ايندڙ نسل کي ان نسل جي ميسارجي ويندڙن يعني پنهنجي ماءُ پيءُ جي وٿي ڀرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻو پوندو.

چوٿين قسم جو مثال حڪومتن ۽ آبادين وچ ۾ هڪ ٻئي تي انحصار آهي. هر هنڌ وائرس پکڙجي ٿو ۽ فرد ۽ آباديون پنهنجو رد عمل ظاهر ڪن ٿيون سندن ردعمل اسان کي حوصلو ٿو ڏياري تہ ان وبا تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪهڙي ريت ڏاهپ ۽ پڪي ارادي سان اِهو سيڪجهہ ڪرڻ ممڪن آهي. پر ردعمل ظاهر ڪرڻ جي ذميواري رڳو فردن، ڪٽنبن ۽ آبادين تي ئي نٿي لاڳو ٿئي، حڪومتن کي بہ گهرجي تہ اهي مناسب ماحول پيدا ڪن، خاص طور تي مناسب اخلاقي، قانوني ۽ انساني حقن جي تحفظ وارو ماحول پيدا ڪن جنهن ۾ رد عمل جو وڏي واکي اظهار ڪري سگهجي. حڪومتون خاطري ڏيارين تہ ضروري شيون ۽ خدمتون جهڙوڪ ڪنڊوم، رضاڪاراڻي صلاح، چڪاس جون سهولتون وغيره سولائي سان ۽ مناسب اگهن تي فراهم ٿينديون.

معاشري جي توانائين، خوراڪ، غور فڪر تي صرف ٿيندڙ وقت، صلاح مشوري جي فراهمي ٽرانسپورٽ جي ميسري، محنت، فنڊ ۽ ٻار جن جي سارسنڀال لڏي ٿي وڃي، سميت سمورن وسيلن کي هٿي ملڻ گهرجي. اهي وسيلا لامحدود ناهن پر ان وبا هٿان ختم پيا ٿين. اهي وسيلا عام طو تي جوڳا ناهن هوندا. هر ڪميونٽي ۽ ان جي تنظيمن کي پتو آهي تہ ڪين پنهنجي جدوجهد جاري رکڻ لاءِ ڪهڙن اضافي وسيلن جي گهرج آهي. ڪين اهو اختيار ملڻ گهرجي تہ هو ٻين جي سامهون انهن وسيلن جو ذڪر ڪري سگهن، اهي چونڊي سگهن، اهي ڪتب آڻي سگهن ۽ ان استعمال بابت خود احتسابي مان لنگهن.

سماجي تنظيمن ۽ حڪومتن وچ ۾ هڪ اهڙي سماجي ناهہ جي گهرج آهي، جنهن ۾ سندن قوتن، حقن ۽ ذميوارين کي ڏار ڏار ڄاتو وڃي ۽ اهڙا طريقا ڳولهي لهي سگهجن جيڪي منجهن ربط ڪري سگهن. هڪ ٻئي جي تجربن ۽ مشاهدن مان لاڀ پرائي سگهن ۽ گڏجي ڪم ڪري سگهن. باقاعدي يا بي قاعدي طور تي ٿيندڙ اهو سماجي ناهہ هڪ ٻئي جي احترام ۽ اعتبار تي قائم هئڻ گهرجي. ممڪن آهي تہ اهو ڪم سولو نہ هجي، پر اهو ٿيڻ ضرور گهرجي.

هڪ ٻئي تي انحصار جي پنجين شڪل قومن جي وچ ۾ باهمي انحصار آهي. وائرس پکڙجڻ جو طريقو يعني ڪهڙيون قومون ۽ فرد متاثر ٿين ٿا ۽ ڪيترو جلدي متاثر ٿين ٿا. قومن وچ ۾ سماجي ۽ معاشي اڻ برابري ۽ شاهوڪار ۽ غريب جو فرق هڪ ئي شيءِ آهي. اهو وقت ڪڏهن ايندو جڏهن دنيا انهيءَ حقيقت کي مڃيندي؟ ان وبا هتان مختلف قومن جي معاشي ۽ سماجي گهوٽالي جو شڪار ٿيڻ وارن امڪانن کي هاڻ بهتر انداز ۾ سمجهيو پيو وڃي. ڪجهه قومون مڪمل تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي پيون سگهن. ڇا عالمي برادري ان تي ڌيان ڏريندي؟ يا وري عالمي برادري نفسياتي مدد ۾ وقت لڳائيندي؟ ڇا اها تعليم، صحت، ٽيڪنالوجي ۽ ٽيڪنيڪي سهڪار ۾ سيڙپڪاري ڪندي ته جيئن اهي قومون تباهه ٿيڻ کان محفوظ رهن؟ ڇا عالمي سطح تي اهڙا سماجي حفاظتي چار وچايا ويندا ته جيئن وبا هتان بي عمل ٿيندڙ قومن جي بقا ممڪن ٿي سگهي؟

ترقياتي مدد جي هاڻوڪي سرشتي سبب اهو وقت ويجهو پيو اچي، جڏهن دنيا هڪ حفاظتي حصار جوڙي وٺندي. هيل تائين ان نظام ۾ اهڙي قسم جي پورائي لاءِ گهربل صلاحيت جي شديد اڻهوند آهي. اها فوري ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. تعليم، صحت يا روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ تي تمام ٿورڙي سيڙپ ڪئي پئي وڃي. جيڪڏهن پرڏيهي مدد کي عالمي سماجي حفاظتي حصار بنائڻ جو ذريعو بنائڻو آهي ته ان کي ضرورت پٽاندر تمام گهٽي لچڪدار اصول تي هلڻو پوندو.

هڪٻئي تي انحصار جي سمورن قسمن ۾ به انتهائون موجود آهن. ڪمزور ۽ طاقتور، حاوي ۽ دٻيل مرڪزي حيثيت واري ۽ پاسيرو ڌڪيا ويندڙ- عورتن، متاثر ٿيلن ايندڙ نسلن، آبادين ۽ عورتن، متاثر ٿيلن، ايندڙ نسلن، آبادين ۽ ڪمزور قومن جو امتيازي نشان بي اختياري آهي. ڪين پنهنجي تقدير تي ڪو اختيار ناهي. منجهن مجموعي تنظيم جي اڻهوند آهي ۽ هو سوديبازيءَ جي حيثيت ۾ ناهن. هيءُ اهو عدم توازن آهن جنهن ۾ هو جيئرا آهن. نئين قسم جا ناتا پيدا ڪرڻ ۽ انهن هڪٻئي تي انحصار ڪندڙ گروهن وچ ۾ نون سماجي رابطن واسطي، سماج ۾ بنيادي تبديليءَ جي ضرورت آهي. اهڙي تبديلي جيڪا بحث مباحثي ۾ حاوي ٿيڻ جو حق ڏي ٿي، ڳالهائڻ، نمائندگي ڪرڻ ۽ نوان سماجي ناتن جي سندرتائن تي اختيار حاصل ڪرڻ جو حق ڏي ٿي.

بي اختيارن کي وڏي واڪي ڳالهائڻو پوندو. ڪين پنهنجي حقن ته ڇا پر پنهنجي زندگين لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سوديبازي ڪرڻي پوندي. ائين به ناهي ته عورتن ۽ نوجوان ڇوڪرين کي پتو ناهي ته ساڻن ڇا پيو ٿئي ۽ هو انفيڪشن جو شڪار ٿيڻ کان ڊڄن ٿيون. اصل ۾ هو پنهنجي اندر ۾ ڪجهه ڪرڻ جو حوصلو نٿيون ڏسن. "ڪير آهي جيڪو انهن عورتن ۽ زالن جون دانهون ٻڌي؟ اسانجن معاشرن ۾ سندن آواز اڪثر ٻڌائي نٿا وڃن."

بيمار ٿيندڙن کي هنڌ ۽ وقت جي ضرورت آهي ته جيئن هڪ ٻئي کي ڄاڻائي سگهن ته هو بيمار آهن پر ان سان گڏوگڏ ڪين پنهنجي ڪٽنب سان به حال اورڻ جي ضرورت آهي. متاثر ٿيلن جي برادريءَ ۾ هر فرد شامل آهي. ڪمزور هجي يا سگهارو، ڪوبه اڪيلي سر ان وبا کان بچي نڪري نٿو سگهي. جيڪڏهن دنيا کي وراهڻو ناهي ته پوءِ سياسي اڳواڻن کي اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻيون پونديون جن ۾ ماڻهو پنهنجي سر پاڻ فيصلو ڪن، نه ڪي مٿن فيصلا مڙهيا وڃن.

ان وبا جا نقصان ۽ پيڙائون اڪثر ماڻهن لاءِ اڳيئي برداشت کان ٻاهر آهن، پر ان ۾ به ڪجهه مثبت پهلو موجود آهن. هر گهوٽالي ۾ بيوسيءَ واري احساس جو هڪ وقت ايندو آهي ۽ بار برداشت ڪرڻ بدران بار ورهائي ڪٽڻ جي خواهش پيدا ٿيندي آهي. هيءُ وقت سچائي جي بيان جو وقت آهي. پيڙا پري سانت جي انت ۽ هڪ ٻئي جي ويجهي اچڻ جي شروعات ڪرڻ وارو وقت، هيءُ صورتحال گڏجڻ جو بنياد فراهم ڪري ٿي.

ان ڪري ڳالهائڻ ئي درمان جو بنياد آهي ۽ وبا سان مقابلي جي بنيادي حڪمت عملي، پر اها حڪمت عملي ٻئي ڪٿي پيدا ٿئي ٿي، مثال طور، لائبيريا ۾ جڏهن جنگ جي تباهين جي شڪار عورتن کي ڳالهائڻ جو امڪان نظر آيو ته ڳالهه ٻولهه جي فن هنن واسطي پنهنجي پيارن جو ماتم ڪرڻ کي ممڪن بنايو. هنن چيو ته اٿو ۽ لٿو ملڻ نه ملڻ هنن لاءِ قطعي اهم ناهي. اها ڳالهه ٻولهه ئي هئي جنهن جي ڪري سندن اندر ۾ جيئري رهڻ جي سٽ پيدا ٿي. ماڻهو انهن مسئلن تي ڳالهائڻ جو اختيار حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، بيمار ٿيڻ کان بچڻ جون ڳالهيون، بيمار ٿيڻ جي ڊپ جون ڳالهيون، پيار ڪرڻ ۽ ڪنهن بيمار سان جنسي لڳ ڪرڻ جون ڳالهيون ۽ موت جي خوف جون ڳالهيون، پر هو نٿا ڄاڻن ته هو ڪجهه ڪٿي ۽ ڪيئن ڪري سگهن ٿا.

بهرحال سچائي بيان ڪرڻ وارو عمل، ڏکيو ۽ پيڙا ڀريو ٿيندو آهي. خاموشيءَ ڏانهن موت اٽر آهي ۽ خاص طور تي جڏهن بيان ڪرڻ سان خواري ڏکار ۽ عزت نفس کان انڪار ملندو هجي، خاموشي ۽ پيڙا ڏانهن ماڻهن ۽ قومن جي موت هر هر ٿي سگهي ٿي. ڳالهه ٻولهه ۽ ڏک جو اشتراڪ ٻيهي سگهي ٿو، پر پيڙا ۽ نقصان ختم نٿا ٿي سگهن. اهي وڌندا ويندا ۽ ان حد تائين گڏجي ويندا جو انهن کي خاموشيءَ سان برداشت ڪرڻ هڪ پيرو ناممڪن ٿي پوندو.

اتحاد، اميد ۽ ان وبا جي زخمن جو :رمان نازڪ شيون آهن. انهن کي احتياط سان، حفاظت سان ۽ حوصلي سان بحال رکي سگهجي ٿو. انهن واسطي پناهه گاهون ناهيون پونديون، جتي ماڻهو ويهي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن، آرام ڪري سگهن، سپنا ڏسي سگهن، سوچي سگهن ۽ بهشت تائين پهچڻ جو رستو ڳولهي سگهن.

(نبض جي ٿورن سان)

# مائرن جي حفاظت

سڪندر اعظم سومرو- خيرپورميرس



ماءُ خدا جي نعمتن مان هڪ عظيم نعمت آهي، جيڪا خدا پاڪ جي طرفان هڪ عظيم تحفو آهي ۽ پڻ ان جي قدمن هيٺيان جنت کي رکيو ويو ته جيئن ان جي خدمت ڪري جنت جهڙي نعمت کي حاصل ڪري سگهجي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته موجوده معاشري ۾ ماءُ جي ڪابہ اهميت نہ آهي انهن جي صحت، کاڌ خوراڪ جو بندوبست نہ هجڻ برابر آهي.

پاڪستان جي تقريباً ۱۴۰ ملين آبادي مان ۴۷ سيڪڙو عورتن تي مشتمل آهي، ان مان اٽڪل ۳۰ ملين (۲۲ سيڪڙو) ٻار پيدا ڪرڻ جي عمر ۱۵ کان ۴۹ سالن ۾ آهن انهن جي اڪثريت گهٽ خوراڪ ملندڙ ۽ اڻ پڙهيل آهي. عورتن ۾ مجموعي تعليم جو تناسب ۲۱ سيڪڙو آهي. جڏهن تہ مردن ۾ ۴۶% آهي. اهو تناسب ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ اڃا بہ گهٽ آهي.

عام طرح تي عورتن جي صحت ڪا سٺي نہ آهي پر ان ۾ مائرن جي صحت وڌيڪ خراب آهي ۵۷% سيڪڙو کان وڌيڪ اميدواريون ۽ کير پياريندڙ عورتون خون جي گهٽتائي (اينيميا) جو شڪار آهن. ڳورهاري عورتن جو ٽيون حصو ۽ کير پياريندڙن جو اڌ تجويز ڪيل ڪيلريز کان ۷۰ سيڪڙو گهٽ ڪيلريز (توانائي جو ايڪو) استعمال ڪن ٿيون. مجموعي طور ٻار ڄڻڻ جو تناسب ۵۰۴ ٻار في عورت آهي. ڄم روڪ جا طريقا اپنائيندڙن جو تعداد (سي پي آر) صرف ۱۷۰۵ سيڪڙو آهي. هر سال پاڪستان ۾ ۵ ملين ڄم ٿين ٿا ۽ تقريبن ۲۵ سيڪڙو نوان ڄاول ٻار گهٽ وزن سان پيدا ٿين ٿا. صحت جون سهوليتون ناڪافي هجڻ سبب ۷۰ سيڪڙو عورتون ڄم کان پهريائين جي سنڀال حاصل نٿيون ڪري سگهن ۽ چوٿين حصي کان بہ گهٽ عورتن کي ٽيٽينس (جهٽڪن جي بيماري) جا ٽڪا لڳل آهن. ۸۵ سيڪڙو کان بہ وڌيڪ ويم گهرن ۾ ٿين ٿا، جتي اٽڪل ۲۵۰۰۰ کان ۳۰۰۰۰ عورتون ويم دوران مري وڃن ٿيون ۽ باقي تقريباً ۴۰۰۰۰۰ کان ۵۰۰۰۰۰ عورتون ڊاڪ جي پراڻي انفيڪشن، ۽ السر وغيره جهڙين بيمارين ۾ مبتلا ٿيو وڃن، مطلب تہ ويم دوران هر ۲۰ منٽن کانپوءِ هڪ ماءُ جو موت ٿئي ٿو. مائرن جي موت جي اهم سببن ۾ حمل دوران خرابين، ويم يا ان کان پوءِ جو وقت ۽ حمل ڪيرائڻ دوران آهي.

سوسائٽي فار آبسٽيٽريشن اينڊ گائناڪالاجسٽس طرفان سڄي ملڪ جي اسپتالن جو سروي ڪيو ويو جنهن مان ۳۴۰۶ موت حمل دوران ٿيا، رت جي زيان سبب ۲۱ سيڪڙو موت ٿيا، ان کانپوءِ رت داٻ جي بيمارين سبب ۱۸۰۶ سيڪڙو، زخم خراب ٿي وڃڻ سبب ۱۳۰۳ سيڪڙو ۽ ويم ۾ رڪاوٽن سبب ۸۰۷ سيڪڙو موت ٿين ٿا ۽ حمل ڪيرائڻ سبب ۱۱ سيڪڙو موت ٿين ٿا.

اسين هينئر ۲۱صدي ۾ داخل ٿيا آهيون پوءِ بہ اهڙي صورتحال اسان جي ڪيل واعدن ۽ علاج ۽ بچاءُ جي هنيل نعرن جا بکيا اڊيڙڻ لاءِ ڪافي آهي. خدا طرفان ڏنل تحفي ۽ حياتي جي بقا کي قائم ڪندڙ خدا طرفان تخليق جي ڪم کي سرانجام ڏيندڙ هستيءَ کي پنهنجي ئي غفلتن سبب ماري رهيا آهيون.

مائرن جي ايڏي وڏي موت کي روڪڻ لاءِ لائحہ عمل اسان جي پهچ لائق آهي. انهي مسئلي کي قابو ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي تہ حمل متعلق مسئلن جي سببن، حالتن ۽ خطري جي نشانين جو شعور عوام ۾ پيدا ڪيو وڃي.

مائرن کي موت کان ڪيئن بچائجي انهن حالتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ضرورت آهي، انهن مان ڪجهہ حالتون اهڙيون آهن، جنهن سبب موتمار خرابيون وڌن ٿيون.

(۱) ننڍي عمرجي شادي؛

# STORY OF DISEASES

# اسان بيمار ڇو ٿيون ٿا

عبدالعزيز لاڪو- نوابشاهہ، سنڌ

**بيمار** ٿيڻ هڪ وڏي تڪليف واري صورتحال آهي. اڪثر اسان سڀئي ان حالت کان واقف آهيون. بيماريءَ دوران انسان ڪيترو بي وسي ۽ بيچيني محسوس ڪندو آهي!. يقينن بيمار ٿيڻ ڪوبہ نٿو چاهي، پر ائين ممڪن بہ ناهي تہ ڪو بہ ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿئي. جيستائين قدرتي آفتن جو تعلق آهي ان کي اسان هرگز (Challange) نٿا ڪري سگهون. قدرت جي طرفان جيڪڏهن ڪابہ اتفاقي بيماري اچي وڃي تہ انسان واقعي مجبور ۽ بي وس ٿي وڃي ٿو، پر هميشہ ائين ڪونہ ٿو ٿئي. اڪثر اسانجي تڪليفن جا ذميوار اسان پاڻ ئي هوندا آهيون، اسانجي صحت جي مسئلن کان لاپرواهي اسان جي صحتمند زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. دراصل اسان هن طرف ڌيان ئي ڪونہ ٿا ڏيون. زندگي کي بهتر بنائڻ لاءِ صحت جو سٺو هجڻ ڪيڏو نہ ضروري آهي، ڇا سبب آهي جو آمريڪي باشندن جي سراسري عمر ٨٥ (پنجاسي) سالن تائين پهچي چُڪي آهي. جڏهن تہ اسان جي سراسري عمر ٥٢ (ٻاونجهہ) سال آهي. اهي چند سال بہ ماڻهو ڪيترن ئي بيمارين ۽ تڪليفن ۾ گذارين ٿا.

ڪڏهن توهان کي ڪنهنجو حال پڇڻ لاءِ اسپتال وڃڻ جو اتفاق ٿيو هوندو تہ توهان غور ڪيو هوندو تہ ڪمرو ۽ وارڊ تہ پنهنجي جڳهہ تي، پر ورانڊي تائين مريض سان ڀريل هوندا آهن.

اسان جي هتي صحت جو ڪرنڊڙ معيار اسان کي هي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو تہ اهي ڪهڙا سبب آهن جن جي ڪري اسان هن تڪليف واري صورتحال کي منهن ڏيئي رهيا آهيون. عام طور تي صحت مان مراد صرف جسماني صحت ورتي وڃي ٿي. جڏهن تہ حقيقت هي آهي تہ سٺي صحت جو دارومدار نہ صرف جسماني صحت (تندرستي) ۾ آهي پر ان جو تعلق سڌو سنئون جذباتي ۽ روحاني صحت سان بہ آهي. جسماني صحت کان تہ اسان سٺي طرح واقف آهيون، هاڻي اچو تہ ڏسون تہ هي جذباتي، ذهني ۽ روحاني صحت ڇا آهي؟

### جذباتي صحت:

انسان کي قدرت جيڪا سوچڻ سمجهڻ ۽ ڪجهہ محسوس ڪرڻ جي صلاحيت ڏني آهي ان جي ڪري هو پنهنجي جذبات تي انحصار ڪري ٿو. اسان هن پهلوءَ کي نظرانداز نٿا ڪري سگهون تہ ماءُ جي ڪُک کان عمر جي آخري حصي تائين هر انسان کي جذبات جو گهرو اثر ٿيندو آهي. خاص طور تي معصوم ٻارن لاءِ تہ جذبات ئي سڀ ڪجهہ هوندا آهن.

> **هڪ سچو**
> **واقعو اسان سيني کي هي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو تہ ڪڏهن اسان هن نازڪ پهلوءَ کي نظرانداز تہ ڪونہ ڪري رهيا آهيون**

هڪ سچو واقعو اسان سيني کي هي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو تہ ڪڏهن اسان هن نازڪ پهلوءَ کي نظرانداز تہ ڪونہ ڪري رهيا آهيون. آمريڪا ۾ زندگي جي رفتار تيز هئڻ جي باعث ماڻهن کي ڪيترا ڪم گڏ ڪرڻا پوندا آهن. اهڙي حالات سان واسطو هڪ عورت کي ٻار پيدا ٿيو تہ هن وقت هوءَ تعليم حاصل ڪري رهي هئي. ازدواجي زندگي جي ذميوارين کي بہ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ٻار جي جذبات تي پوري طرح توجہ (ڌيان) نہ ڏيئي سگهي. ماءُ هئڻ جي ناطي هوءَ ٻار جي خوراڪ، لباس ۽ ٻين شين کي ڌيان ۾ رکندي هئي، پر هوءَ هن ڳالهہ کان بي خبر هئي تہ خوراڪ کان وڌيڪ بہ ڪجهہ آهي جيڪو ٻار جي پرورش لاءِ ضروري آهي. ٻار ڇهہ مهينن جو ٿيو تہ سخت بيمار ٿي پيو. هو ٻهرين ئي ڪمزور هو ڊاڪٽرن سبب ڄاڻڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر ٻار جو جسم، جواب ڏيندو ويو ۽ ڪوبہ سبب سمجهہ ۾ ڪونہ آيو ٿي. ٻار انتهائي نازڪ حالت ۾ هو. ماءُ شيشي جي دريءَ پرسان بيهي رهي ۽ ڏسي رهي هئي تہ هن کي ٻار سان لڳاءُ جو احساس ٿيو جيڪو ٻهرين هن کي ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو. هوءَ ٻار وٽ هلي ويئي. ۽ ٻار جو ننڍڙو هٿ پڪڙي ڪلاڪن جا ڪلاڪ هن جي پرسان ويٺي رهي ۽ هن سان (ٻار سان) ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ٻار مضبوطيءَ سان ماءُ جي آڱر پڪڙي رکي ۽ گهريءَ ننڊ ۾ هليو ويو. ڪجهہ ڪلاڪن ڪانپوءِ ٻار جي طبعيت سڌرڻ شروع ٿيڻ لڳي. اڄ اهو ئي ٻار آمريڪا جي (Basket Ball Team) جو هڪ ڪامياب رانديگر آهي. توهان غور ڪيۡ هوندو تہ ڪم ڪرڻ جي دوران جيڪڏهن ڪوبہ توهان جي تعريف ڪري تہ هڪدم ڪم ڪرڻ جي رفتار ۽ معيار سڀ ڪجهہ بهتر ٿي وڃي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪوبہ تنقيد ڪري تہ ڪم ڪرڻ ۾ گهڻي مشڪل ٿئي ٿي. توهان خوامخواہ ٿڪاوٽ محسوس ڪرڻ لڳندا، نتيجو مزاج ۾ ڪاوڙ اچي ويندي ۽ آهستي آهستي هن سيني شين جو روز مره زندگيءَ ۾ هتي جهڙن هزارن مثالن سان اسانجو

واسطو پوندو آهي. غور ڪرڻ سان هي اندازو بخوبي لڳائي سگهون ٿا تہ ڪهڙي طرح جذبات جو اثر اسانجي صحت تي پوي ٿو.

## ذهني صحت:

هن جي مثال ائين وٺو تہ آمريڪا ۽ ٻين ترقي يافتہ ملڪن ۾ هڪ اوزار آهي جيڪو ڳالهائيندڙ کي پڪڙڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. عام طور تي اسان اهو سمجهون ٿا تہ ڪوڙ ڳالهائڻ انهيءَ لاءِ خراب آهي تہ ٻين کي نقصان پهچندو آهي. جڏهن تہ توهان کي ڇاٽي خوشي محسوس ٿيندي تہ Lie Detector هي اوزار هن اصول تي ناهيو ويو آهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ سان گڏ ماڻهوءَ جي اندر جذباتي ۽ ذهني هلچل ٿيندي آهي ۽ هڪ خاص اوزار سان ماڻهوءَ جي پريشانيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جيڪو ماڻهو ڪوڙ ڳالهائي رهيو هوندو تہ هت طرح هن جو ڪوڙ پڪڙي سگهجي ٿو.

غور ڪريو تہ ڪهڙي طرح انسان جي پريشاني هن جي جسماني صحت تي اثرانداز ٿئي ٿي، اڪثر ڪري اهو ڏٺو ويو آهي تہ امتحان جي دوران ماڻهن کي پيٽ خراب ٿيڻ جي شڪايت رهي ٿي، ذهني پريشاني جي ڪري ماڻهو جسماني طور تي بيمار ٿي وڃن ٿا. هي صرف ٻارن سان ٿي ناهي بلڪ چڱي عمر جي ماڻهن سان بہ ٿئي ٿو. نوڪري جي لاءِ انٽريو (Interview) ڏيڻ وڃي رهيا آهن تہ طبعيت سخت خراب ٿي پئي. هن جو اهو سبب آهي تہ ذهني پريشاني سڌو سنئون جسم تي اثرانداز ٿئي ٿي. اهڙي طرح منفي سوچ جو اسان جي صحت تي تمام برو اثر ٿئي ٿو. جڏهن ڪا بہ (Negative) سوچ (خيال) ذهن ۾ اچي ٿو، ان جو تعلق توهان جي ذات سان هجي يا ملڪي حالت سان فوراً ذهن مان ڪڍي ڇڏجي. منفي سوچ اسان جي صحت کي بري طرح متاثر ڪري ٿي.

## روحاني صحت:

هاڻي روحاني صحت جي طرف اچو جيڪي ماڻهو خدا جي ويجهو هوندا آهن اهي پُرسڪون زندگي گذاريندا آهن. زندگي جي هيٺ مٿاڻين انهن تي اثرانداز ڪانہ ٿي ڪري جڏهن تہ توهان ڏٺو هوندو تہ روحاني طور تي ڪمزور ماڻهو هر وقت پريشاني ۾ پيئو جو شڪار رهندا آهن. ڪنهن لمحي انهن کي سڪون نصيب نٿو ٿئي. ان جو سبب هي آهي تہ اهڙا ماڻهو جذباتي طور ڪمزور هوندا آهن. تڪليف ۾ پنهنجي پاڻ کي تمام گهڻو اڪيلو محسوس ڪندا آهن ۽ انهن تڪليفن جو انهن جي صحت تي سڌو سنئون اثر ٿيندو آهي. توهان ڏٺو هوندو تہ ڪجهہ ماڻهن کي ڏسي اهو محسوس ٿيندو آهي تہ نوراني چهري مان ڪجهہ نڪرين ٿو.

روحاني صحت جذباتي صحت جو باعث بڻجي ٿي اهو انسان هشاش بشاش ۽ تندرست و توانو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. دراصل پُرسڪون چهرو اندر جي سڪون جي عڪاسي ڪري ٿو. هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو جذباتي ۽ ذهني طور تي پُرسڪون هجي اهو جسماني طور تي تي پُرسڪون ڏسڻ ۾ ايندو.

اسانجي حضور صہ پاڪ ڪان وڌيڪ ڪنهن جو مثال ٿي سگهي ٿو. جيڪو هشاش بشاش شخصيت جو مالڪ هو. سادي خوراڪ جو شوقين گهٽ ڪائڻ وارن مان. تنهنڪري اهو ظاهر ٿيو تہ سٺي صحت جي لاءِ اسانجي جسماني، جذباتي، ذهني ۽ روحاني تندرستي ڳهربل آهي.

هي اوزار هن اصول تي ناهيو ويو آهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ سان گڏ ماڻهوءَ جي اندر جذباتي ۽ ذهني هلچل ٿيندي آهي ۽ هڪ خاص اوزار سان ماڻهوءَ جي پريشانيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، جيڪو ماڻهو ڪوڙ ڳالهائي رهيو هوندو تہ هت طرح هن جو ڪوڙ پڪڙي سگهجي ٿو.

## جسماني صحت لاءِ ضروري هدايتون

- سادي خوراڪ کائو.
- سنت رسول زندگيءِ جو شعار بنايو.
- پنهنجي پاڻ کي مصروف ڪريو.
- رات جو جلدي سمهڻ ۽ صبح جو جلدي اٿڻ جي عادت وجهو.
- کاڌو کائڻ کانپوءِ جلدي نہ سمهو بلڪ پنهنجي پاڻ کي مصروف رکو، حديث شريف ۾ آهي تہ هر کاڌي کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ قدم هلو.

## جذباتي ۽ ذهني صحت لاءِ هدايتون

- مسڪرائڻ جي عادت وجهو.
- ٻين جي غلطين کي نظرانداز ڪريو.
- جيترو ممڪن ٿي سگهي ماڻهن جي مدد ڪريو.
- معاف ڪرڻ جي عادت وجهو.
- ٻارن سان پيار ۽ بزرگن جو احترام ڪريو.
- پنهنجي پاڻ کي هر ان عادت کان روڪيو جيڪا احساس شرمساري ۽ احساس ڪمتري جو باعث بڻجي سگهي.

## روحاني صحت لاءِ هدايتون

- ڏينهن جي شروعات خدا جي نالي سان ڪريو ۽ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ بلڪل اڪيلائي ۾ خدا جي حضور ۾ گذاريو.
- جيڪو ڪم توهان ڪريو هن کي ديانتداريءَ ۽ دل لڳي سان ڪريو.
- ڪنهن جي دل نہ ڏکايو.
- پنهنجي گفتگو ۾ خدا ۽ رسول صہ کي شامل رکو.
- نماز ۽ روزي جي پابندي ڪريو، ياد رکو تہ خدا تعاليٰ کي توهان جي ضرورت ناهي بلڪ هن جي برعڪس توهان کي پنهنجي روحاني صحت لاءِ هن جي مدد جي ضرورت درڪار آهي.
- الله تعاليٰ جيڪي نعمتون ڏنيون آهن، انهن جو هر لمحي شڪر ادا ڪريو.

# ٻارن جو ويچ

**پوئين پرچي ۾ ڏنل تصوير کي رڱڻ وارن جو نتيجو**

پهريون نمبر: **نقاش اختر قاضي- لاڙڪاڻو** ٻيو نمبر: **احسان علي سومرو- نوابشاهه**

ٽيون نمبر: (الف) **سنيها سچل وڏو- لياري ڪراچي** (ب) **عادل مهدي جعفري- ملير ڪراچي**

ويچ ۾ ڏنل هن تصوير واري صفحي کي الڳ ڪري، رنگ ڪرڻ بعد اداري کي موڪليو صحيح رنگ ڪندڙ پهرين ٽن نمبرن وارن ٻارن کي ويچ جو ايندڙ پرچو مفت موڪليو ويندو.

نالو ____________________

ائڊريس ____________________

____________________

____________________



# SNYHA PUBLICATION - Karachi

A Trusted Name of Awareness

## شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سينچري ڊائري

- اوهان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر کي سمجهڻ چاهيو ٿا.
- اوهان سر زمين سنڌ جي تهذيب، ۽ تاريخ جو مطالعو ڪرڻ چاهيو ٿا.
- اوهان سر زمين سنڌ جي قدرن، روايتن ۽ عملي اونهائيءَ کي پروڙڻ چاهيو ٿا.
- اوهان ايڪويهين صديءَ جي تقاضائن سان تعلق پيدا ڪرڻ چاهيو ٿا.
- اوهان شاهہ لطيف جي شاعريءَ کي منظرن تصويرن ۽ عڪسن ذريعي ڏسڻ چاهيو ٿا.
- اوهان شاهہ لطيف جي رهبريءَ کي سنڌي، انگريزي، اردو ۽ آرٽ جي زبانن ۾ مشاهدي جا متمني آهيو تہ:

**شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سينچري ڊائريءَ جو مطالعو ضرور ڪريو.**

**عطيو:** (Ordinary) 300.00 (Executive) 500.00

**ايڊريس:**

**فليٽ نمبر 9 بلاڪ: Q، گرائونڊ فلور، الاعظم اسڪوائر ڪراچي.** 75950

# ويڄ ڊسڪائونٽ ڪوپن

پڙهندڙ هنن صفحن تي ڇاپيل خاص دڪاندارن جا ڪوپن ڪينچي سان ڪٽي ڪوپن ۾ لکيل تاريخ واري معياد اندر انهن وٽان مقرر ڪيل رعايت حاصل ڪري سگهن ٿا.


لاڙڪاڻي جي مرڪزي علائقي ۾

هر قسم جي بيڪري ۽ جنرل اسٽور وارين شين جو مرڪز

## ثناء بيڪرز (ايئرڪنڊيشنڊ)

پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 آگسٽ 2000 تائين هر گراهڪ کي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

هر قسم جي سلوار، قميص، پينٽ شرٽ ۽ ويسڪيٽ جي سلائي جو اعليٰ مرڪز

## ريئلائنس ٽيلرز

شاپ نمبر 11-16 پرگڙي پلازا سامهون جنرل پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو پرپرائٽر: احمد علي حيدري

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 آگسٽ 2000 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي سلائي تي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

هر قسم جي ڏندن جي بيمارين جو علاج تسلي بخش

ڊاڪٽر بشير احمد ڏهراج

## چيزل ڊينٽل ڪلينڪ

106 اي سليم سينٽر يونيورسٽي روڊ گلشن اقبال ڪراچي

فون: 465179-4985393

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 آگسٽ 2000 تائين هر مريض کي هر قسم جي علاج تي 10 سيڪڙو (10%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

خون، پيشاب، بلغم، پائخاني وغيره جي هر قسم جي معياري ٽيسٽ جو مرڪز

## نيشنل پيٿالاجيڪل ليباريٽري

نزد الحبيب هوٽل بئريج روڊ سکر

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 آگسٽ 2000 تائين هر قسم جي ٽيسٽ ڪرائڻ تي ڏهه سيڪڙو (10%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

سياسي- ادبي ۽ مذهبي ڪتابن جو مرڪز

## سنڌي بوڪ اسٽور

نئون ديرو

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 آگسٽ 2000 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي ڪتابن تي 25 سيڪڙو (25%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.


### هر قسم جي ڌنڌي وارا دوست توجهه ڏين

هر قسم جي دڪاندارن، هوٽل، ميڊيڪل اسٽور، پيٿالاجي ليباريٽري ۽ ٻين ڌنڌي وارن لاءِ ويڄ ڊسڪائونٽ ڪوپن اسڪيم ۾ مفت شموليت" اوهان هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪري پنهنجو ڪاروبار وڌائي سگهو ٿا.

لکپڙهه لاءِ:

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ، جي. پي. او باڪس نمبر 568 ڪراچي.**

وڻ ويڄن وٽ. جي سڪين ته سکڻو ٿيين (شاهه)

ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته:

- صحت جي سجاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويڄ" باقاعدگيءَ سان اوهانجي هٿ ۾ هر مهيني پهچي ۽ سنڌي جو هي نرالو رسالو بنا ڪنهن مالي بحران جي هلندو رهي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهانجو حصو شامل هجي.

ته پوءِ:

- اڄ ئي ماهوار "ويڄ" جي ساليانيءَ خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانيءَ خريداري جو چندو =/300 روپيا/ ڇهه ماهي خريداري جو چندو =/150 رپيا بئنڪ ڊرافٽ ذريعي موڪليو
- ساليانيءَ خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور به موڪلي سگهو ٿا. اسان توهانجي دوست/عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين ته رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو.

| سرڪيوليشن مئنيجر ماهوار ويڄ، جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي |
|---|

نوٽ: چيڪ ۽ مني آرڊر قابل قبول نه هوندو، پر ڪراچي جي ڪنهن به بئنڪ جو چيڪ قبولڻ جوڳو هوندو.
هر سالياني فيءَ جي بدلي رسالي جا 2+12 پرچا موڪليا ويندا.

# خريداري جو فارم

منهنجو/منهنجي دوست/ عزيز جو نالو ماهوار "ويڄ" جي ساليانيءَ / ڇهه ماهي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو/ ڇهه ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا / پنهنجي دوست/عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ): ______________________

ائڊريس: ______________________

______________________

______________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ نمبر ______________________

صحيح ______________________ تاريخ ______________________


Dettol Soap's Latest Style
New Superior Action
Dettol® Soap Dettol protects
Four Fold Benefits. . .
Beautiful New Packaging
New Improved Formulation
New Convenient Sizes
New Affordable Price
Effective Germ Elimination - Longer Protection
Reckitt & Colman Pakistan
Dettol Protects

# Build to last

***With strength and durability.***
***With trust and confidence.***
***With Dadabhoy Cement.***

DADABHOY
GROUP

## THE FOUNDATION OF TRUST




**Portland Blast Cement** | **Sulphate Resistant Cement** | **Ordinary Portland Cement**

**DADABHOY CEMENT INDUSTRIES LTD.**